قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿۷۵﴾

(۷۵) هن (شخص) چيو ته، مون چيو ڪين هو ته، تون مون سان (منهنجي ڪمن تي) صبر نه ڪري سگهندين!

قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍۭ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا ﴿۷۶﴾

(۷۶) حضرت موسيٰ چيو ته، جيڪڏهن وري مان ڪجھ پڇان ته پوءِ مون کي پاڻ سان گڏ رهڻ نه ڏجو. ان حالت ۾ توهان تي منهنجي ڪابه ميار نه رهندي.

فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَيَاۤ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨاسْتَطْعَمَاۤ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ؕ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿۷۷﴾

(۷۷) پوءِ ٻئي اڃا به اڳتي هليا، تان جو هڪ ڳوٺ ۾ پهتا. ڳوٺ وارن کان ماني گهريائون. هنن مهمان نوازي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. پوءِ ان ڳوٺ ۾ هڪ (پراڻي) ڀت ڏٺائون جا ڪِرڻ تي هئي. اها حالت ڏسي حضرت موسيٰ جي سنگتيءَ ان جي مرمت شروع ڪئي ۽) ان کي نئين سر مضبوط ڪري ڇڏيائين. تنهن تي (حضرت موسيٰ) چئي ڏنو ته، جيڪڏهن توهان چاهيو ها ته انهيءَ محنت جو ڪجھ عيوضو هنن ماڻهن کان وٺو ها. (عيوضي کان سواءِ بيڪار محنت ڇو ڪيوَ؟)

قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿۷۸﴾

(۷۸) تڏهن (حضرت موسيٰ جي ساٿيءَ) چيو ته، بس هاڻي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ جدائيءَ جو وقت اچي ويو. پر هاڻي انهن ڳالهين جي حقيقت توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان، جن تي تون صبر ڪري نه سگهئين.

اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ غَصْبًا ﴿۷۹﴾

(۷۹) (پهريائين ٻيڙيءَ واري ڳالھ تي ٿا اچون) اها ٻيڙي ڪن مسڪينن جي هئي، جيڪي سمنڊ تي محنت مزوري ڪندا آهن. اهي جنهن طرف وڃي رهيا هئا، تنهن طرف هڪڙو (ظالم) بادشاهه آهي جو جنهن جي به (چڱي) ٻيڙي ٿو ڏسي سا زور زبردستيءَ سان کسي ٿو وٺي. سو مون چاهيو ته، ان ٻيڙيءَ ۾ هڪڙو عيب ڪري ڇڏيان (ته بادشاهه جا ماڻهو اهو عيب ڏسي ٻيڙي کسي نه سگهن).

وَاَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَاۤ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ ﴿۸۰﴾

(۸۰) ۽ پوءِ انهيءَ ڇوڪر جو معاملو ٿا ڪٿو. هن جا ماءُ پيءُ مؤمن آهن (خدا جي طرفان مون کي علم مليو هو سو) ان ڇوڪر کي ڏسي خطرو محسوس ڪيم ته هو ڇوڪر انهن (ماءُ پيءُ) کي سرڪشي ۽ ڪفر ڪري ايذاءِ پهچائيندو.

فَاَرَدْنَاۤ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّاَقْرَبَ رُحْمًا ﴿۸۱﴾

(۸۱) تنهن ڪري مون چاهيو ته، سندن پروردگار هن ڇوڪر کان بهتر ڇوڪر کين عطا ڪري جو ديندار ۽ پاڪائي ۾ توڙي محبت ڪرڻ ۾ بهتر هجي.

وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِي الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ

(۸۲) ۽ اُها ڀت (جنهن جي مرمت ڪيم سا) ڳوٺ جي ٻن يتيم ڇوڪرن جي آهي، جنهن جي هيٺان انهن جو خزانو پوريل آهي. هنن جو پيءُ هڪ نيڪ ماڻهو هو. تنهن ڪري تنهنجي پروردگار چاهيو ته، ٻئي ڇوڪرا

أَبُوهُمَا صَالِحًا ۚ فَأَرَادَ رَبُّكَ أَنْ يَبْلُغَا أَشُدَّهُمَا وَيَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۚ رَحْمَةً مِنْ رَبِّكَ ۚ وَمَا فَعَلْتُهُ عَنْ أَمْرِي ۚ ذَٰلِكَ تَأْوِيلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٢﴾

جوانيءَ کي پهچي پنهنجو خزانو محفوظ ڏسي کڍي وٺن. (جيڪڏهن اها پٽ ڪري پوي ها ته سندن خزانو سلامت نه رهي ها. تنهن ڪري ئي ضروري ڳالهه هئي ته ان کي مضبوط ڪيو وڃي) اها انهن ڇوڪرن تي تنهنجي پروردگار جي رحمت هئي، جا ظهور ۾ آئي. ۽ ياد رک ته، مون جيڪي جيڪي ڪيو سو پنهنجي اختيار سان ڪونه ڪيو. (الله جي حڪم سان ڪيم) اها آهي حقيقت انهن ڳالهين جي جن تي تو کي صبر نه آيو.

## رکوع 11

## ذوالقرنين جي ڳالهه

وَيَسْأَلُونَكَ عَنْ ذِي الْقَرْنَيْنِ ۖ قُلْ سَأَتْلُو عَلَيْكُمْ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٨٣﴾

(٨٣) (اي پيغمبر!) تو کان ماڻهو ذوالقرنين جو حال ٿا پڇن، تون چئو ته، مان هن جو ڪجهه احوال اوهان کي (قرآن مجيد ۾) پڙهي ٿو ٻڌايان.

إِنَّا مَكَّنَّا لَهُ فِي الْأَرْضِ وَآتَيْنَاهُ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ سَبَبًا ﴿٨٤﴾

(٨٤) اسان هن کي زمين تي حڪمراني ڏني هئي ۽ پڻ هن جي لاءِ هر طرح جو سامان ۽ اسباب مهيا ڪري ڇڏيو هو.

فَأَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٥﴾

(٨٥) سو (ڏسو) هن (پهريائين هڪڙي وڏي ڪم لاءِ) سامان ۽ اسباب تيار ڪيا (۽ اولهه طرف نڪري پيو.)

حَتَّىٰ إِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِي عَيْنٍ حَمِئَةٍ وَوَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ۗ قُلْنَا يَا ذَا الْقَرْنَيْنِ إِمَّا أَنْ تُعَذِّبَ وَإِمَّا أَنْ تَتَّخِذَ فِيهِمْ حُسْنًا ﴿٨٦﴾

(٨٦) تان جو (هلندي هلندي) سج جي لهڻ واري جاءِ وٽ پهچي ويو. اتي هن کي ائين ڏسڻ ۾ آيو ته سج هڪ نيري ۽ ميري پاڻي جي ڍنڍ ۾ لهي ٿو وڃي. ۽ ان جي ويجهو هڪ قوم جا ماڻهو رهندڙ ڏٺائين، اسان (يعني الله تعاليٰ) کيس چيو ته، اي ذوالقرنين! (هاڻي هي ماڻهو تنهنجي حڪم هيٺ آهن) وڻئي ته کين سزا ڏي ۽ وڻئي ته ساڻن چڱو سلوڪ ڪري کين پنهنجو ڪري ڇڏ.

قَالَ أَمَّا مَنْ ظَلَمَ فَسَوْفَ نُعَذِّبُهُ ثُمَّ يُرَدُّ إِلَىٰ رَبِّهِ فَيُعَذِّبُهُ عَذَابًا نُكْرًا ﴿٨٧﴾

(٨٧) ذوالقرنين چيو ته، (مان بي انصافي ڪرڻ وارو نه آهيان) جيڪو (آئندهه) سرڪشي ڪندو تنهن کي ضرور سزا ڏيندس. پوءِ هن کي (آخر) پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي. هو (بدعمل ڪندڙن کي) سخت عذاب ۾ وجهندو.

وَأَمَّا مَنْ آمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُ جَزَاءً الْحُسْنَىٰ ۖ وَسَنَقُولُ لَهُ مِنْ أَمْرِنَا يُسْرًا ﴿٨٨﴾

(٨٨) پر جيڪو ايمان آڻيندو ۽ صالح عمل ڪندو تنهن کي ان جي بدلي ۾ چڱو انعام ملندو ۽ کيس اهڙين ئي ڳالهين جو حڪم ڏينداسين، جنهن ۾ هن جي لاءِ آساني ۽ راحت هوندي.

ثُمَّ أَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾

(٨٩) ان کان پوءِ هن وري تياري ڪئي (اوڀر طرف) نڪري پيو.

حَتَّىٰ إِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلَىٰ قَوْمٍ لَمْ نَجْعَلْ لَهُمْ مِنْ دُونِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾

(٩٠) تان جو سج ابرڻ جي آخري حد تائين پهچي ويو. هن ڏٺو ته، سج هڪ قوم تي ابري ٿو، جنهن کي اسان سج جي اس کان بچڻ لاءِ ڪا اوٽ يا پناهه ڪانه ڏني هئي.

كَذٰلِكَ ؕ وَقَدۡ اَحَطۡنَا بِمَا لَدَيۡهِ خُبۡرًا ﴿٩١﴾

(٩١) هنن جي حالت اهڙي هئي ۽ جيڪي ذوالقرنين وٽ هو، تنهن جي اسان کي پوري پوري خبر آهي.

ثُمَّ اَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾

(٩٢) هن وري (سفر جو) سامان ۽ سمر تيار ڪيو (۽ ٽئين ڪم لاءِ نڪري پيو.)

حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ بَيۡنَ السَّدَّيۡنِ وَجَدَ مِنۡ دُوۡنِهِمَا قَوۡمًا ۙ لَّا يَكَادُوۡنَ يَفۡقَهُوۡنَ قَوۡلًا ﴿٩٣﴾

(٩٣) تان جو ٻن (جبلن جي) ديوارن (يعني قطارن) جي وچ تائين پهچي ويو. اتي هن ڏٺو ته، جبلن جي هن پاسي هڪ قوم رهندڙ آهي، جنهن جي ماڻهن سان ڳالهائجي ٿو ته، لفظ به ڪونه ٿا سمجهن. (يعني ذوالقرنين جي ٻولي نه پئي سمجهيائون. پر ترجمانن جي وسيلي گفتگو ڪيائون.)

قَالُوۡا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِنَّ يَاۡجُوۡجَ وَمَاۡجُوۡجَ مُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَهَلۡ نَجۡعَلُ لَكَ خَرۡجًا عَلٰۤى اَنۡ تَجۡعَلَ بَيۡنَنَا وَبَيۡنَهُمۡ سَدًّا ﴿٩٤﴾

(٩٤) انهيءَ قوم جي ماڻهن (پنهنجي زبان ۾) چيو ته، اي ذوالقرنين! ياجوج ۽ ماجوج (جون قومون اتر کان اچي هي جبل لنگهي) هن ملڪ ۾ اچي ڦرمار ڪن ٿا. ڇا (هيئن ٿي سگهي ٿو ته) توهان اسان جي ۽ هنن جي وچ ۾ هڪڙي ديوار بنائي ڏيو ۽ اسان ان جي عيوض ۾ ڪجهه خراج (ساليانې ڍل) توهان کي ڏيندا رهون.

قَالَ مَا مَكَّنِّىۡ فِيۡهِ رَبِّىۡ خَيۡرٌ فَاَعِيۡنُوۡنِىۡ بِقُوَّةٍ اَجۡعَلۡ بَيۡنَكُمۡ وَبَيۡنَهُمۡ رَدۡمًا ۙ ﴿٩٥﴾

(٩٥) ذوالقرنين چيو ته، منهنجي پروردگار جيڪي مون کي منهنجي قبضي ۾ ڏنو آهي، سوئي منهنجي لاءِ بهتر آهي، (توهان جو خراج مون کي ڪونه ٿو گهرجي) پر توهان پنهنجي (ٻانهن جي) قوت سان (هن (هن ڪم ۾) منهنجي مدد ڪيو. مان توهان جي ۽ ياجوج ماجوج جي وچ ۾ هڪ مضبوط پٽ ٺاهي ڇڏيندس.

اٰتُوۡنِىۡ زُبَرَ الۡحَدِيۡدِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا سَاوٰى بَيۡنَ الصَّدَفَيۡنِ قَالَ انْفُخُوۡا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ اٰتُوۡنِىۡۤ اُفۡرِغۡ عَلَيۡهِ قِطۡرًا ؕ ﴿٩٦﴾

(٩٦) (پوءِ هن حڪم ڏنو ته) لوهه جون سرون مون وٽ آڻيو. پوءِ جڏهن (سڀ سامان گڏ ٿي ويو ۽) ٻنهي جبلن جي وچ ۾ وڏي ديوار ڪڙي ڪري انهن جبلن جي برابر بلند ڪئي ويئي، تڏهن حڪم ڏنائين ته (ڪورا ٻاريو ۽) ڌَوِڻيون لڳايو. پوءِ جڏهن (ايتري قدر ڌوڻيون لڳايون ويون جو) بلڪل باهه (وانگر لال) ٿي ويئي تڏهن چيائين ته پگاريل ٽامون آڻيو ته ان تي هاري (لڳائي) ڇڏيون.

فَمَا اسۡطَاعُوۡۤا اَنۡ يَّظۡهَرُوۡهُ وَمَا اسۡتَطَاعُوۡا لَهٗ نَقۡبًا ﴿٩٧﴾

(٩٧) (اهڙيءَ طرح هڪ شاهي ديوار بنجي پئي) جنهن تي نڪي (ياجوج ماجوج) چڙهي ٿي سگهيا نڪي ان کي سوراخ ڪري ٿي سگهيا.

قَالَ هٰذَا رَحۡمَةٌ مِّنۡ رَّبِّىۡ ۚ فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ رَبِّىۡ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَكَانَ وَعۡدُ رَبِّىۡ حَقًّا ؕ ﴿٩٨﴾

(٩٨) (هن ڪم پوري ٿيڻ بعد) ذوالقرنين چيو ته، هي (جيڪي ٿيو سو في الحقيقت) منهنجي پروردگار جي طرف کان رحمت آهي. جڏهن منهنجي پروردگار جي واعدي واري ڳالهه ظهور ۾ ايندي تڏهن هو ان (ديوار) کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو. (پر ان کان اڳي ڪوبه ان کي ڪيرائي ڊاهي نه سگهندو) ۽ منهنجي پروردگار جو واعدو يا فرمايل ڳالهه حق آهي، (ٽرڻ واري ناهي.)

وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَئِذٍ يَمُوجُ فِي بَعْضٍ ۖ وَنُفِخَ فِي الصُّورِ فَجَمَعْنَاهُمْ جَمْعًا ﴿٩٩﴾

(٩٩) ۽ (جنهن ڏينهن اها ڳالهه ظهور ۾ ايندي) تنهن ڏينهن هڪڙي قوم ٻي قوم جي اندر (سمنڊ وانگر) لهرون هڻي ويهڻ لڳندي ۽ توتاري کي ڦوڪ ڏيئي (وڄائي ويندي ۽) سيني قومن کي گڏ ڪيو ويندو.

وَعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ لِّلْكَافِرِينَ عَرْضًا ﴿١٠٠﴾

(١٠٠) انهيءَ ڏينهن اسان منڪرن جي سامهون دوزخ کي اهڙيءَ طرح ظاهر ڪنداسين، جهڙيءَ طرح ڪا شيءِ بلڪل اکيان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

الَّذِينَ كَانَتْ أَعْيُنُهُمْ فِي غِطَاءٍ عَن ذِكْرِي وَكَانُوا لَا يَسْتَطِيعُونَ سَمْعًا ﴿١٠١﴾

(١٠١) (اهي) اُهي منڪر آهن ، جن جي اکين تي اسان جي ذڪر کان پردو پيئجي ويو هو ۽ (جن جي ڪنن ۾ اهڙي ٻوڙاڻ پيئجي ويئي هئي جو) ڪابه ڳالهه ٻڌي به ڪونه سگهندا هئا.

## رکوع 12

جيڪي ماڻهو فقط هن دنيا جي مزن لاءِ ڪوششون ڪندا تن جا عمل ضايع تي ويندا.

أَفَحَسِبَ الَّذِينَ كَفَرُوا أَن يَتَّخِذُوا عِبَادِي مِن دُونِي أَوْلِيَاءَ ۚ إِنَّا أَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكَافِرِينَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾

(١٠٢) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي، تن هي خيال ڪيو آهي ڇا ته اسان کي (يعني خدا کي) ڇڏي اسان جي ٻندن کي پنهنجا ڪارساز بنائي رکن؟ (ڪين يقي رکڻ گهرجي ته) اسان ڪافرن جي مهمانيءَ لاءِ دوزخ تيار ڪري رکيو آهي.

قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُم بِالْأَخْسَرِينَ أَعْمَالًا ﴿١٠٣﴾

(١٠٣) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته، اسان توهان کي ٻڌائي ڇڏيون ته ڪهڙا ماڻهو پنهنجي ڪمن ۾ سيني کان وڌيڪ ناڪامياب ۽ نامراد رهجي ويا؟

الَّذِينَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُونَ أَنَّهُمْ يُحْسِنُونَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾

(١٠٤) (ٻڌو! نامراد ۽ ناڪامياب اُهي ٿيا) جن جون سڀ ڪوششون هن دنيا جي زندگي ۾ ضايع ڪيون ويون ۽ اهي هن ڌوکي يا فريب ۾ اچي ويا آهن ته ڏاڍو چڱو ڪارخانو بنائي رهيا آهن.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ كَفَرُوا بِآيَاتِ رَبِّهِمْ وَلِقَائِهِ فَحَبِطَتْ أَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي پروردگار جي آيتن جا ۽ سندس حضور ۾ حاضر ٿيڻ جا منڪر ٿيا. تنهن ڪري ئي انهن جا سڀ ڪم اجايا ويا ۽ انهيءَ ڪري قيامت جي ڏينهن اسان هنن (جي عملن) کي ڪوبه وزن نه ڏينداسين.

ذَٰلِكَ جَزَاؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوا وَاتَّخَذُوا آيَاتِي وَرُسُلِي هُزُوًا ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) انهن جهڙي ڪفر جي راهه اختيار ڪئي هئي ۽ اسان جي آيتن ۽ رسولن تي ٺوڪون، مسخريون ڪيون هيون تهڙوئي هنن لاءِ (لازمي) نتيجو ۽ بدلو ٿيندو دوزخ!

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنَّاتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن جي مهمانيءَ لاءِ بهشت جا باغ هوندا.

خَالِدِينَ فِيهَا لَا يَبْغُونَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾

(١٠٨) هو هميشه انهن ۾ رهندا ۽ ڪڏهن به نه چاهيندا ته پنهنجي جاءِ بدلائين (۽ ٻيءَ حالت ۾ رهن).

قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾

(١٠٩) (اي پيغمبر!) اعلان ڪر ته، جيڪڏهن منهنجي پروردگار جون ڳالهيون لکي ڇڏڻ لاءِ دنيا جا سڀ سمنڊ مس بنجي وڃن ته سمنڊ جو پاڻي ختم ٿي ويندو، پر منهنجي پروردگار جون ڳالهيون ختم ڪونه ٿينديون. اگرچه انهن سمنڊن سان شامل ٿيڻ لاءِ ٻيا به اهڙائي (وڏا) سمنڊ پيدا ڪري ڇڏيون (ته به اها سڀ مس ڪافي نه ٿيندي).

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿١١٠﴾

(١١٠) (اي پيغمبر هي به ماڻهن کي) چئي ڇڏ ته، مان هن ڪان سواءِ ڪجهه به نه آهيان ته توهان ئي جهڙو هڪ انسان( آدم جو اولاد) آهيان، (تفاوت فقط هي آهي ته الله تعاليٰ مون ڏي وحي ٿو موڪلي). البته الله تعاليٰ مون ڏي وحي موڪليو آهي (۽ ٻڌايو آهي) ته اوهان جو معبود اهو ئي هڪ (الله) آهي. ڪانئس سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي. تنهن ڪري جيڪيو به پنهنجي پروردگار سان ملڻ جي آرزو (اميد ۽ چاهت) رکي ٿو، تنهن کي گهرجي ته چڱا عمل ڪري ۽ پنهنجي پروردگار جي بندگيءَ ۾ ڪنهن به ٻيءَ هستيءَ کي شريڪ نه ڪري. (يعني فقط الله جي حڪمن جي پيروي ڪري ۽ سندس حڪمن خلاف شيطان يا ظالمن انسان جي حڪمن تي نه هلي).

## سورت مريم – مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

### حضرت زڪريا کي پٽ ڄمڻ جي خوشخبري ۽ سندس نالو يحيٰ رکڻ

كٓهٰيٰعٓصٓ ﴿١﴾

(١) ڪاف- ها- يا- عين- صاد

ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ﴿٢﴾

(٢) (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار پنهنجي بندي زڪريا تي جا مهرباني ڪئي هئي، تنهن جو بيان هي آهي.

اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا ﴿٣﴾

(٣) (جا ٿيو جو) حضرت زڪريا دل ئي دل ۾ پنهنجي پروردگار کي پڪاريو.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّيْ وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ﴿٤﴾

(٤) ۽ التجا ڪئي (يعني دعا گهري) ته منهنجا پروردگار! منهنجو جسم ڪمزور ٿي پيو آهي، ۽ منهنجي مٿي جا وار بلڪل اڇا ٿي پيا آهن، اي منهنجا پروردگار! ڪڏهن به منهنجي دعا تنهنجي درگاهه ۾ ناقبول نه ٿي آهي.

وَاِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ وَّرَآءِيْ وَكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ﴿٥﴾

(٥) هاڻي مون کي پنهنجي برادريءَ کان انديشو آهي ته منهنجي مرڻ بعد (خبر ناهي ته ڇا ڇا ڪندا) منهنجي اهليه (يعني زال) سنڍ آهي (يعني

اهڙي حالت اٿس جو ٻار ڄڻڻ جي ٻار ڪونه ٿي ڄڻي سگهي) پوءِ تون پنهنجي خاص فضل سان مون کي هڪڙو وارث عطا ڪر.

يَّرِثُنِيۡ وَيَرِثُ مِنۡ اٰلِ يَعۡقُوۡبَ ۖ وَاجۡعَلۡهُ رَبِّ رَضِيًّا ﴿٦﴾

(٦) اهڙو وارث ڏي، جيڪو منهنجو به وارث ٿئي ۽ حضرت يعقوب جي خاندان (جي برڪتن) جو به وارث ٿئي ۽ اي پروردگار! ان وارث کي (پنهنجي نظر ۾ توڙي تنهنجي ٻانهن جي نظر ۾) سند پيل ڪجانءِ.

يٰزَكَرِيَّاۤ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ۨ اسۡمُهٗ يَحۡيٰى ۙ لَمۡ نَجۡعَلۡ لَّهٗ مِنۡ قَبۡلُ سَمِيًّا ﴿٧﴾

(٧) (تنهن تي حڪم ٿيو ته) اي ذڪريا اسان توکي هڪڙي پٽ (جي ڄمڻ) جي خوشخبري ٿا ڏيون جنهن جو نالو يحيٰ هوندو. اسان هن کان اڳي ڪنهن لاءِ به اهو نالو نه رکيو آهي.

قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوۡنُ لِىۡ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ امۡرَاَتِىۡ عَاقِرًا وَّقَدۡ بَلَغۡتُ مِنَ الۡـكِبَرِ عِتِيًّا ﴿٨﴾

(٨) حضرت ذڪريا (عجب ۾ پئجي) چيو ته اي منهنجا پروردگار! مون کي پٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جڏهن ته منهنجي اهليه بانجهه (يعني سنڍ) ٿي چڪي آهي، ۽ مان گهڻو پوڙهو ٿي ويو آهيان.

قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ هُوَ عَلَىَّ هَيِّنٌ وَّقَدۡ خَلَقۡتُكَ مِنۡ قَبۡلُ وَلَمۡ تَكُ شَيۡـئًا ﴿٩﴾

(٩) الله تعاليٰ جو ارشاد ٿيو ته ائين ئي ٿيندو. تنهنجو پروردگار فرمائي ٿو ته ائين ڪرڻ منهنجي لاءِ بلڪل آسان آهي. مون هن کان اڳي توکي پيدا ڪيو، حالانڪ تنهنجي هستيءَ جو ڪو نالي نشان به ڪونه هو.

قَالَ رَبِّ اجۡعَلۡ لِّىۡۤ اٰيَةً ‌ؕ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ سَوِيًّا ﴿١٠﴾

(١٠) تنهن تي زڪريا عرض ڪيو ته اي منهنجا پروردگار! منهنجي لاءِ (هن ڳالهه متعلق) ڪا هڪ نشاني ٺهرائي ڇڏ. الله تعاليٰ فرمايو ته تنهن جو نشاني هيءَ آهي ته ٽي راتيون لاڳيتو نه ڳالهاءِ.

فَخَرَجَ عَلٰى قَوۡمِهٖ مِنَ الۡمِحۡرَابِ فَاَوۡحٰۤى اِلَيۡهِمۡ اَنۡ سَبِّحُوۡا بُكۡرَةً وَّعَشِيًّا ﴿١١﴾

(١١) پوءِ هو پنهنجي قربان گاهه مان نڪتو ۽ پنهنجي ماڻهن ۾ آيو. (هن زبان نه کولي) اشارن سان چيائين ته صبح شام خدا جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪندا رهو.

يٰيَحۡيٰى خُذِ الۡكِتٰبَ بِقُوَّةٍ‌ ؕ وَاٰتَيۡنٰهُ الۡحُكۡمَ صَبِيًّا ۙ ﴿١٢﴾

(١٢) (جڏهن اهو پٽ ڄائو ۽ ڇوڪر ٿيو تڏهن الله تعاليٰ کيس حڪم ڪيو ته) اي يحيٰ خدا جي ڪتاب کي مضبوطيءَ سان جهل (يعني ان جي حڪمن تي پورو پابند رهه). هو اڃا ننڍو ڇوڪرو ئي هو ته اسان کيس علم عقل ۽ فضيلت ڏني.

وَّحَنَانًا مِّنۡ لَّدُنَّا وَزَكٰوةً ‌ؕ وَكَانَ تَقِيًّا ۙ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ پڻ اسان کيس دل جي نرمي ۽ نفس جي پاڪائي عطا ڪئي ۽ هو وڏو پرهيزگار هو.

وَّبَرًّۢا بِوَالِدَيۡهِ وَلَمۡ يَكُنۡ جَبَّارًا عَصِيًّا ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ ماءُ پيءُ لاءِ مهربان خدمتگار هو ۽ سختي ڪندڙ نافرمان نه هو.

وَسَلٰمٌ عَلَيۡهِ يَوۡمَ وُلِدَ وَيَوۡمَ يَمُوۡتُ وَيَوۡمَ يُبۡعَثُ حَيًّا ﴿١٥﴾ ع

(١٥) مٿس سلامتي هجي جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن وفات ڪيائين ۽ جنهن ڏينهن وري اٿاريو ويندو.

## رکوع 2

**حضرت مريم جو قصو، سندس بطن مان معجزي سان حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو.**

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ ۘ إِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ أَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا ۙ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ (اي پيغمبر! ماڻهن کي) هن ڪتاب ۾ (ڏنل) مريم جو معاملو بيان ڪري ٻڌاءِ. (انهيءَ وقت جو معاملو) جڏهن هوءَ هڪ مڪان (يعني جاءِ) ۾ ويئي جا اوڀر طرف هئي ۽ پنهنجي گهر جي ماڻهن کان جدا ٿي ويئي.

فَاتَّخَذَتْ مِنْ دُونِهِمْ حِجَابًا ۖ فَأَرْسَلْنَا إِلَيْهَا رُوحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا ﴿١٧﴾

(١٧) پوءِ هن انهن ماڻهن جي طرف کان پردو ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان ان ڏانهن پنهنجو فرشتو موڪليو. اهو (فرشتو) هڪ ڀلاري نيڪ ماڻهو جي صورت ۾ ظاهر ٿيو.

قَالَتْ إِنِّي أَعُوذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ إِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾

(١٨) مريم ان کي ڏسي (گهٻرائجي ويئي ۽) چيائين ته، جيڪڏهن تون نيڪ ماڻهو آهين ته رحمان خدا جي نالي تي توکان پناهه ٿي گهران. (يعني منهنجي ويجهو نه اچ، ۽ نه وري ڪو نقصان پهچاءِ).

قَالَ إِنَّمَا أَنَا رَسُولُ رَبِّكِ ۖ لِأَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿١٩﴾

(١٩) فرشتي چيو ته، مان تنهنجي پروردگار جو موڪليل آهيان، ۽ هن لاءِ موڪليو ويو آهيان ته، توکي هڪ پاڪ فرزند (جي خوشخبري) ڏيان.

قَالَتْ أَنّٰى يَكُونُ لِي غُلٰمٌ وَلَمْ يَمْسَسْنِي بَشَرٌ وَلَمْ أَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾

(٢٠) مريم فرمايو ته، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جو مون کي پٽ ٿئي، جڏهن ته مون کي ڪنهن به مرد هٿ نه لاتو آهي، ۽ نه وري بدچال آهيان.

قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَلِنَجْعَلَهُ آيَةً لِلنَّاسِ وَرَحْمَةً مِنَّا ۚ وَكَانَ أَمْرًا مَقْضِيًّا ﴿٢١﴾

(٢١) فرشتي چيو ته، ائين ئي ٿيندو. تنهنجي پروردگار فرمايو آهي ته، اهو ڪم منهنجي لاءِ ڏکيو ناهي (ها فرمائي ٿو) ته هي انهيءَ لاءِ ٿيندو ته ان (پٽ يعني حضرت عيسيٰ) کي ماڻهن جي لاءِ هڪ نشاني بنايان ۽ منهنجي رحمت جو ان ۾ ظهور ٿئي ۽ هيءَ اهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ٿيڻ جو حڪم ٿي چڪو آهي.

فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ بِهِ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾

(٢٢) پوءِ ان (پيدا ٿيڻ واري پٽ حضرت عيسيٰ) جو حمل ٿيس، هوءَ (پنهنجي اها حالت لڪائڻ لاءِ) ماڻهن کان جدا ٿي پري هلي وئي.

فَأَجَاءَهَا الْمَخَاضُ إِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ قَالَتْ يٰلَيْتَنِي مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَكُنْتُ نَسْيًا مَنْسِيًّا ﴿٢٣﴾

(٢٣) پوءِ ويم جي سورن جي ايذاءَ کان کجور جي هڪ وڻ جي هيٺان ويئي. (۽ ان جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي) ۽ چيائين ته، ڪهڙو نه چڱي ٿئي ها جيڪڏهن مان هن کان اڳي مري وڃان ها ۽ ماڻهو منهنجي هستي بلڪل وساري ڇڏين ها.

فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَا أَلَّا تَحْزَنِي قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿٢٤﴾

(٢٤) ان وقت (هڪ فرشتي) ڪيس هيٺئين طرف کان پڪاري چيو ته، غم نه ڪر، تنهنجي پروردگار تنهنجي بطن (پيٽ مبارڪ) ۾ هڪ وڏي هستي پيدا ڪري ڇڏي آهي.

وَهُزِّيْٓ اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَيْكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿٢٥﴾

(٢٥) تون کجور جي وڻ جو ٿڙ هٿن ۾ جهلي پنهنجي طرف لوڏو ڏي، ته تازن ۽ پڪل کارڪن جا ڇڳا توتي ڪرڻ لڳندا.

فَكُلِيْ وَاشْرَبِيْ وَقَرِّيْ عَيْنًا ۚ فَاِمَّا تَرَيِنَّ مِنَ الْبَشَرِ اَحَدًا ۙ فَقُوْلِيْٓ اِنِّيْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ اُكَلِّمَ الْيَوْمَ اِنْسِيًّا ﴿٢٦﴾ۚ

(٢٦) پوءِ کاءُ پيءُ، (پنهنجي فرزند ڏسي) پنهنجون اکيون ٺار (۽ سڀ غم وهم وساري ڇڏ) پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏسين (جو توکان ڪجهه پڇي ته ڪيس اشاري سان) چئي ڏي ته مان رحمان خدا جي حضور ۾ روزي رکڻ جو نذر باسيو آهي. تنهن ڪري مان اڄ ڪنهن به ماڻهو سان ڳالهه ٻولهه نه ڪنديس.

فَاَتَتْ بِهٖ قَوْمَهَا تَحْمِلُهٗ ۭ قَالُوْا يٰمَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ شَيْـــًٔا فَرِيًّا ﴿٢٧﴾

(٢٧) پوءِ (ڇا ٿيو جو) هوءَ پنهنجي پٽ کي پاڻ سان کڻي پنهنجي ماڻهن وٽ آئي ۽ پٽ سندس هنج ۾ هو. ماڻهن (ڏسندي ئي) چئي ڏنو ته اي مريم! تو ته تمام حيران ڪندڙ ڳالهه ڪري ڏيکاري آهي.

يٰٓاُخْتَ هٰرُوْنَ مَا كَانَ اَبُوْكِ امْرَاَ سَوْءٍ وَّمَا كَانَتْ اُمُّكِ بَغِيًّا ﴿٢٨﴾ښ

(٢٨) اي هارون جي ڀيڻ! نڪي تنهنجو پيءُ خراب ماڻهو هو، نڪي تنهنجي ماءُ بدچال هئي، (تو هي ڇا ڪري ڇڏيو؟)

فَاَشَارَتْ اِلَيْهِ ۭ قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا ﴿٢٩﴾

(٢٩) تنهن تي حضرت مريم پنهنجي پٽ ڏي اشارو ڪيو (ته هو اوهان کي ٻڌائيندو ته حقيقت ڇا آهي؟) ماڻهن چيو ته ڀلا هن سان ڪيئن ڳالهايون، جو اڃا هنج ۾ ويهندڙ ٻار آهي.

قَالَ اِنِّىْ عَبْدُ اللّٰهِ ڜ اٰتٰىنِيَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا ﴿٣٠﴾ۙ

(٣٠) (پر) هن چئي ڏنو ته مان الله جو ٻانهو آهيان. هن مون کي ڪتاب ڏنو آهي. ۽ بنايو نبي اٿس.

وَّجَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۠ وَاَوْصٰنِيْ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَيًّا ﴿٣١﴾ښ

(٣١) ۽ هن مون کي برڪتن وارو ڪيو اهي، جتي به مان هجان، هن مون کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏنو آهي، ته جيستائين جيئرو رهان تيستائين اهي ڪم ادا ڪندو رهان.

وَّبَرًّۢا بِوَالِدَتِيْ ۡ وَلَمْ يَجْعَلْنِيْ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٢﴾

(٣٢) هن (الله) مون کي پنهنجي ماءُ لاءِ مهربان خدمتگار ڪيو آهي ۽ سرڪش ۽ نافرمان ڪونه ڪيو اٿس.

وَالسَّلٰمُ عَلَيَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَيَوْمَ اَمُوْتُ وَيَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ مون تي سندس طرف کان سلامتيءَ جو پيغام آهي، (مون تي سلامتي هجي) جنهن ڏينهن ڄائيس، جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ڏينهن وري جيئرو ڪري اٿاريو ويندس.

ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) اهو آهي مريم جي پٽ عيسيٰ (جو احوال) سچي ڳالهه اها ئي آهي جنهن بابت ماڻهو (عيسائي ۽ يهودي هيترا) اختلاف ڪرڻ لڳا آهن.

مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ۭ

(٣٥) الله جي لاءِ هيءَ ڳالهه (هرگز مناسب) ٿي نٿي سگهي ته هو ڪنهن

إِذَا قَضَىٰٓ أَمْرًا فَإِنَّمَا يَقُولُ لَهُۥ كُن فَيَكُونُ ﴿٣٥﴾

کي پنهنجو پٽ بنائي. پاڪائي هجي ۽ آهي ان (پاڪ خدا) لاءِ (هو ڪيئن اهڙو مجبور ٿي سگهي ٿو جي ڪنهن فاني هستيءَ کي پنهنجو پٽ بڻائي). سندس شان ته هي آهي ته جڏهن ڪوبه ڪم ڪرڻ جو فيصلو ٿو ڪري ته رڳو حڪم ٿو ڪري ته ٿي پؤ! ته بس ٿي ٿو پوي.

وَإِنَّ ٱللَّهَ رَبِّى وَرَبُّكُمْ فَٱعْبُدُوهُ ۚ هَٰذَا صِرَٰطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ (حضرت عيسيٰ جي پڪار هيءَ هوندي هئي) بيشڪ الله ئي منهنجو ۽ اوهان سڀني جو پروردگار آهي. بس انهيءَ ئي جي ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪيو. اهوئي (سچائي جو) سڌو رستو آهي.

فَٱخْتَلَفَ ٱلْأَحْزَابُ مِنۢ بَيْنِهِمْ ۖ فَوَيْلٌ لِّلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِن مَّشْهَدِ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿٣٧﴾

(٣٧) پر وري ڪانئس پوءِ مختلف فرقا پاڻ ۾ اختلاف ڪرڻ لڳا. سو جن ماڻهن حقيقت مڃڻ کان انڪار ڪيو تن جي حالت تي افسوس آهي، انهيءَ ڏينهن جي نظاري تي افسوس جو (اچڻ وارو آهي ۽ جو) ڏاڍو سخت ڏينهن ٿيندو.

أَسْمِعْ بِهِمْ وَأَبْصِرْ يَوْمَ يَأْتُونَنَا ۖ لَٰكِنِ ٱلظَّٰلِمُونَ ٱلْيَوْمَ فِى ضَلَٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٣٨﴾

(٣٨) جنهن ڏينهن اهي اسان جي حضور ۾ حاضر ٿيندا تنهن ڏينهن سندن ڪن ڪهڙا نه چٽو ٻڌندڙ ۽ سندن اکيون ڪهڙيون نه چٽو ڏسندڙ هونديون. پر اڄوڪي ڏينهن ظالمن جو ڪهڙو حال هوندو؟ ظاهر ظهور گمراهي ۾ (تباه حال) هوندا.

وَأَنذِرْهُمْ يَوْمَ ٱلْحَسْرَةِ إِذْ قُضِىَ ٱلْأَمْرُ وَهُمْ فِى غَفْلَةٍ وَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ۽ (اي پيغمبر!) ڪين انهيءَ (اچڻ واري) ڏينهن بابت به خبردار ڪري ڇڏ، جو وڏو پڇتائڻ وارو ڏينهن ٿيندو جڏهن سڀني ڳالهين جو فيصلو ٿي ويندو. هاڻي ته هي ماڻهو غفلت ۾ پئجي ويا آهن ۽ (هن ڳالهه تي) ايمان آڻڻ وارا ناهن.

إِنَّا نَحْنُ نَرِثُ ٱلْأَرْضَ وَمَنْ عَلَيْهَا وَإِلَيْنَا يُرْجَعُونَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) اسان ئي (آخر) زمين جا وارث ٿينداسين ۽ انهن سڀني ماڻهن جا به جيڪي زمين تي رهندڙ آهن ۽ اسان ڏي ئي سڀني کي موٽي اچڻو آهي.

رڪوع 3

**حضرت ابراهيم انهن کان ۽ انهن سڀني کان، جن کي خدا کان سواءِ پوڄيندا هئا جدا ٿي ويو، تڏهن اسان هن جي نسل ۾ برڪت ڪئي.**

وَٱذْكُرْ فِى ٱلْكِتَٰبِ إِبْرَٰهِيمَ ۚ إِنَّهُۥ كَانَ صِدِّيقًا نَّبِيًّا ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب ۾ حضرت ابراهيم جو ذڪر (بيان) ڪر، يقيناً هو سچو هو، ۽ الله تعاليٰ جو نبي هو.

إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ يَٰٓأَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِى عَنكَ شَيْـًٔا ﴿٤٢﴾

(٤٢) (انهيءَ وقت جو ذڪر ڪر) جڏهن هن پنهنجي پيءُ کي چيو ته، اي منهنجا بابا! تون ڇو تو اهڙيءَ شيءِ جي پوڄا ڪرين جا نڪي ٻڌي ٿي، نڪي ڏسي ٿي ۽ نڪي توکي ڪنهن ڪم اچي ٿي.

يَٰٓأَبَتِ إِنِّى قَدْ جَآءَنِى مِنَ ٱلْعِلْمِ مَا لَمْ

(٤٣) اي منهنجا بابا! مان سچ ٿو چوان ته، علم جي ڪجهه روشني مون

يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْۤ اَهْدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿۴۳﴾

کي ملي آهي جا توکي ڪانه ملي آهي. پوءِ منهنجي چوڻ تي لڳ. مان توکي سڌي واٽ ڏيکاريندس.

يٰۤاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿۴۴﴾

(٤٤) اي منهنجا بابا! شيطان جي ٻانهپ نه ڪر، شيطان ته خدا جو نافرمان ٿي چڪو آهي.

يٰۤاَبَتِ اِنِّيْۤ اَخَافُ اَنْ يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ لِلشَّيْطٰنِ وَلِيًّا ﴿۴۵﴾

(٤٥) اي منهنجا بابا! مون کي خوف ٿو ٿئي ته متان رحمان خدا جي طرفان توتي ڪو عذاب اچي ڪڙڪي ۽ تون شيطان جو سنگتي ٿي پئين.

قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿۴۶﴾

(٤٦) پيءُ (اهي ڳالهيون ٻڌي) چيو ته، اي ابراهيم تون منهنجي معبودن (خدائن) کان ڦري ويو آهين ڇا؟ ياد رک ته جيڪڏهن تون اهڙين ڳالهين کان باز نه ايندين ته توکي سنگسار ڪري (ماري) ڇڏيندس، (پنهنجو خير گهرين ته جان بچائي) مون کان پري هليو وڃ.

قَالَ سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِيْ حَفِيًّا ﴿۴۷﴾

(٤٧) حضرت ابراهيم فرمايو ته، ڇڱو منهنجو سلام قبول پوي (مان جدا ٿي ٿو وڃان) هاڻي مان پنهنجي پروردگار کان تنهنجي بخشش لاءِ دعا گهرندس. هو مون تي ڏاڍو مهربان آهي.

وَاَعْتَزِلُكُمْ وَمَا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَاَدْعُوْا رَبِّيْ ۖ عَسٰۤى اَلَّاۤ اَكُوْنَ بِدُعَآءِ رَبِّيْ شَقِيًّا ﴿۴۸﴾

(٤٨) مان توهان سڀني کي ڇڏي ٿو وڃان ۽ انهن کي به ڇڏي ٿو ڏيان جن کي توهان الله کان سواءِ پڪاريندا آهيو، مان پنهنجي پروردگار (هڪ الله) کي ٿو پڪاريان، اميد آهي ته پنهنجي پروردگار کي پڪاري مان محروم (يا ناڪامياب) ڪونه ٿيندس.

فَلَمَّا اعْتَزَلَهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ؕ وَكُلًّا جَعَلْنَا نَبِيًّا ﴿۴۹﴾

(٤٩) پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم انهن ماڻهن کان ۽ انهن سڀني کان جن کي خدا کان سواءِ پوڄيندا هئا جدا ٿي ويو، تڏهن اسان (هن جي نسل ۾ برڪت ڪئي ۽) هن کي اسحاق ۽ (اسحاق جو پٽ) يعقوب عطا ڪيوسين، ۽ انهن مان هرهڪ کي اسان نبوت ڏني هئي.

وَوَهَبْنَا لَهُمْ مِّنْ رَّحْمَتِنَا وَجَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ صِدْقٍ عَلِيًّا ﴿۵۰﴾

(٥٠) ۽ کين پنهنجي رحمت مان بخششو ڪيوسين ۽ پڻ انهن سڀني لاءِ سچائيءَ جون صدائون (آواز) بلند ڪيوسين. (يعني سندن سچي ساراهه پئي ڳائجي).

رڪوع 4

**حضرت موسيٰ، حضرت اسماعيل، حضرت ادريس جو ذڪر ۽ انهن مان نتيجو ڪڍڻ**

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مُوْسٰۤى ۫ اِنَّهٗ كَانَ مُخْلَصًا وَّكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾

(٥١) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب ۾ حضرت موسيٰ جو بيان پڙهه، بيشڪ هو هڪ خاص خاص ٻانهو ۽ (الله جو) موڪليل پيغمبر هو.

وَنَادَيْنٰهُ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ الْاَيْمَنِ وَقَرَّبْنٰهُ نَجِيًّا ﴿۵۲﴾

(٥٢) اسان ڪيس طور جبل جي ساڄي (يعني اوپر) طرف کان سڏ ڪيو ۽ (وحي جي) ٻڌڻ لاءِ پنهنجي ويجهو آندو.

وَوَهَبْنَا لَهٗ مِنْ رَّحْمَتِنَآ اَخَاهُ هٰرُوْنَ نَبِيًّا ۝٥٣

(٥٣) ۽ پڻ پنهنجي رحمت سان (سندس مددگاريءَ لاءِ کيس) هارون ڏنوسين جو سندس ڀاءُ هو ۽ نبي هو.

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ ۡ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ۝٥٤

(٥٤) ۽ (اي پيغمبر!) هن ڪتاب (قرآن مجيد) ۾ حضرت اسماعيل جو ذڪر پڙهه. بيشڪ هو پنهنجي قول جو سچو هو ۽ (الله جو) موڪليل هو.

وَكَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ ۡ وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ۝٥٥

(٥٥) ۽ هو پنهنجي گهر جي ماڻهن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هو ۽ هو (سيني ڳالهين ۾) پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ پسند پيل هو.

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِدْرِيْسَ ۡ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ۝٥٦

(٥٦) ۽ (اي پيغمبر!) ڪتاب ۾ ادريس جو به ذڪر ڪر. بيشڪ هو به سچائيءَ جو پتلو ۽ نبي هو.

وَّرَفَعْنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ۝٥٧

(٥٧) ۽ اسان هن کي وڏي بلند مقام (درجي) تائين پهچائي چڙهيو هو.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ ۡ وَمِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ۡ وَّمِنْ ذُرِّيَّةِ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْرَآءِيْلَ ۡ وَمِمَّنْ هَدَيْنَا وَاجْتَبَيْنَا ۭ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّبُكِيًّا ۝٥٨

(٥٨) هي اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن نبين مان آهن جن کي الله تعالىٰ نعمتون ڏنديون. آدم جي نسل مان ۽ انهن جي نسل مان جن کي اسان حضرت نوح سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) سوار ڪيو هو. پڻ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسرائيل (يعني حضرت يعقوب) جي نسل مان ۽ انهن قومن مان جن کي اسان سڌيءَ واٽ تي لڳايو ۽ (ڪاميابيءَ ۽ سعادت لاءِ) چونڊيو. اهي اهي ماڻهو آهن جن کي جڏهن رحمان خدا جون آيتون ٻڌايون ويندیون هيون تڏهن بي اختيار سجدي ۾ ڪري پوندا هئا ۽ سندن اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هو.

فَخَلَفَ مِنْ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ۝٥٩

(٥٩) پر انهن کان پوءِ اهڙا ناخلف (نياڳا) سندن جانشين ٿيا جن نماز (جي حقيقت) ضايع ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي نفساني خواهشن جي پٺيان پئجي ويا. سو (ڏسندؤ ته) جلد سندن سرڪشي سندن آڏو ايندي.

اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ شَيْـًٔا ۝٦٠

(٦٠) پر جيڪو (گناهن کان) باز ايندو، ايمان آندائين ۽ نيڪ عمل ڪرڻ ۾ لڳي ويندو (تنهن لاءِ ڪوبه ڪٽڪو ڪونهي) اهڙا ماڻهو جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن سان ذرو به بي انصافي نه ٿيندي.

جَنّٰتِ عَدْنِ ِۣ الَّتِيْ وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ مَاْتِيًّا ۝٦١

(٦١) هميشه واري جنت (۾ داخل ٿيندا) جنهن متعلق رحمان خدا پنهنجي ٻانهن سان واعدو ڪري ڇڏيو آهي. اهو واعدو هڪ غيبي ڳالهه جي باري ۾ آهي (جنهن کي هو هن حياتيءَ ۾ محسوس ڪري نٿا سگهن پر) يقيناً هن جو واعدو اهڙو آهي، جو جڻ ته اها ڳالهه ٿي ويئي.

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا سَلٰمًا ۭ وَلَهُمْ رِزْقُهُمْ فِيْهَا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۝٦٢

(٦٢) انهيءَ (جنت واري) زندگيءَ ۾ ڪابه واهيات ڳالهه هنن جي ڪنن ۾ نه پوندي. جيڪي به ٻڌندا، سا سلامتيءَ ئي جي صدا هوندي. اتي صبح توڙي شام سندن رزق سندن لاءِ مهيا ٿيندو رهندو.

تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ تَقِيًّا ﴿٦٣﴾

(٦٣) سو (ڏسو) اها آهي جنت جنهن جو اسان انهيءَ ماڻهو کي وارث ڪري ٿا ڇڏيون جيڪو اسان جي ٻانهن مان متقي (يعني پرهيزگار) آهي.

وَمَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمْرِ رَبِّكَ ۚ لَهٗ مَا بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا وَمَا بَيْنَ ذٰلِكَ ۚ وَمَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾ ۚ

(٦٤) ۽ (فرشتا جنتين کي چوندا ته) اسان (توهان ڏي) تڏهن ٿا اچون جڏهن توهان جي پروردگار وٽان حڪم ٿو ملي، جيڪي به اسان جي اڳيان اهي، جيڪي به اسان جي پٺيان گذري چڪو آهي، ۽ جيڪي به انهن ٻنهي وقتن جي وچ ۾ ٿي گذريو سڀ سندس ئي حڪم سان آهي ۽ اوهان جو پروردگار اهڙو ناهي جو ڪا به ڳالهه وساري ڇڏي.

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَاصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ ۭ هَلْ تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ ۧ

(٦٥) هو آسمان ۽ زمين جو پرورگار آهي ۽ انهن سڀني جو پروردگار آهي جي آسمان ۽ زمين ۾ آهن. سو (اي پيغمبر!) انهيءَ ئي جي ٻانهپ ڪر ۽ سندس ٻانهپ ڪرڻ جي راهه ۾ جيڪي به تڪليفون پيش اچن سي صبر سان سهندو رهه. ڇا تون ڄاڻين ٿو ته ٻيو به ڪو سندس همنام آهي. (يعني الله جهڙو آهي؟ هرگز نه!)

## رڪوع 5

## انسان جي غفلت، دولت ۽ طاقت تي غرور

وَيَقُوْلُ الْاِنْسَانُ ءَاِذَا مَا مِتُّ لَسَوْفَ اُخْرَجُ حَيًّا ﴿٦٦﴾

(٦٦) ۽ (حقيقتن کان غافل) انسان چوي ٿو ته، جڏهن مان مري ويندس تڏهن وري جيئرو اٿاريو ويندس ڇا؟

اَوَلَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْـًٔا ﴿٦٧﴾

(٦٧) (افسوس) انسان کي هيءَ ڳالهه به ياد ناهي ڇا ته اسان ڪيس اڳي به پيدا ڪيو هو، جنهن کان اڳي هو ڪجهه به نه هو.

فَوَرَبِّكَ لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَالشَّيٰطِيْنَ ثُمَّ لَنُحْضِرَنَّهُمْ حَوْلَ جَهَنَّمَ جِثِيًّا ﴿٦٨﴾ ۚ

(٦٨) سو (اي پيغمبر!) تنهنجو پرورگار شاهد آهي اسان انهن سڀني کي ۽ انهن سان گڏ سڀني شيطانن کي ضرور هڪ هنڌ گڏ ڪنداسين، پوءِ انهن سڀني کي دوزخ جي چوڌاري حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏينداسين ۽ هو گوڏن ڀر ڪريل هوندا.

ثُمَّ لَنَنْزِعَنَّ مِنْ كُلِّ شِيْعَةٍ اَيُّهُمْ اَشَدُّ عَلَى الرَّحْمٰنِ عِتِيًّا ﴿٦٩﴾ ۚ

(٦٩) پوءِ هر هڪ ٽوليءَ مان انهن ماڻهن کي (چونڊي) جدا ڪنداسين، جيڪي (پنهنجي زندگيءَ ۾) رحمان خدا کان سخت باغي (نافرمان) ٿي ويا هئا.

ثُمَّ لَنَحْنُ اَعْلَمُ بِالَّذِيْنَ هُمْ اَوْلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿٧٠﴾

(٧٠) پوءِ هيءَ ڳالهه به اسان ئي بهتر ڄاڻنداسين ته ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو دوزخ ۾ پوڻ جا زياده لائق آهن.

وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿٧١﴾ ۚ

(٧١) ۽ (ياد رکو ته) اوهان (ڪافرن) مان ڪو به اهڙو ڪونهي جو انهيءَ منزل مان نه لنگهندو (يعني دوزخ ۾ نه پوندو) ائين ڪرڻ (يعني ڪافرن

ڪي دوزخ ۾ وجھڻ) تنھنجي پروردگار ضروري ٺھرايو آھي. اھو ھڪ ڪيل فيصلو آھي.

ثُمَّ نُنَجِّی الَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا وَّ نَذَرُ الظّٰلِمِیۡنَ فِیۡهَا جِثِیًّا ﴿٧٢﴾

(٧٢) پوءِ اسان متقين ڪي نجات (يعني ڇوٽڪارو) ڏينداسين ۽ ظالمن ڪي دوزخ ۾ گوڏن ڀر ڪريل ڦٿو ڪنداسين.

وَ اِذَا تُتۡلٰی عَلَیۡهِمۡ اٰیٰتُنَا بَیِّنٰتٍ قَالَ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا لِلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا ۙ اَیُّ الۡفَرِیۡقَیۡنِ خَیۡرٌ مَّقَامًا وَّ اَحۡسَنُ نَدِیًّا ﴿٧٣﴾

(٧٣) ۽ جڏھن اسان جون روشن آيتون ماڻھن ڪي ٻڌايون وڃن ٿيون، تڏھن جيڪي ماڻھو ڪفر ۾ پيل آھن سي ايمان وارن ڪي چون ٿا تہ ھي تہ ٻڌايو تہ (اسان) ٻنھي ٽولين ۾ ڪھڙي ٽولي آھي جا وڏي پوزيشن (درجي) واري آھي ۽ جنھن ڪي شاندار (دٻدٻي واري) مجلس (يا ڪائونسل) آھي.

وَ كَمۡ اَهۡلَكۡنَا قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ هُمۡ اَحۡسَنُ اَثَاثًا وَّ رِءۡیًا ﴿٧٤﴾

(٧٤) ۽ ھنن کان (اھا ڳالھ وسري ويئي آھي تہ) ڪانئن اڳي گھڻين ئي قومن ڪي اسان تباھ ڪري ڇڏيو جي ڪانئن گھڻو بھتر اسباب ۽ (جنگي) سامان رکنديون ھيون ۽ جن ڪي ڪانئن گھڻو وڌيڪ دٻدٻو ۽ رونق ھئي.

قُلۡ مَنۡ كَانَ فِی الضَّلٰلَةِ فَلۡیَمۡدُدۡ لَهُ الرَّحۡمٰنُ مَدًّا ۚ حَتّٰۤی اِذَا رَاَوۡا مَا یُوۡعَدُوۡنَ اِمَّا الۡعَذَابَ وَ اِمَّا السَّاعَةَ ؕ فَسَیَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضۡعَفُ جُنۡدًا ﴿٧٥﴾

(٧٥) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ جيڪڏھن ڪو گمراھيءَ ۾ پوي ٿو تہ رحمان خدا جو قانون ھي آھي جو ھن ڪي (عذاب کان) مھلت ڏيندو رھي ٿو. ھو انھيءَ حال ۾ رھندو تان جو پنھنجي اکين سان اھا ڳالھ ڏسي جنھن جو ساڻس واعدو ڪيو ويو ھو، يعني عذاب يا قيامت جي گھڙي. پوءِ ان وقت ڪيس پتو پوندو تہ ڪير ھو جنھن جي پوزيشن (يا درجو) بدتر (وڌيڪ خراب) ثابت ٿيو ۽ جنھن جو ٽولو سڀني کان وڌيڪ ھيڻو ۽ ضعيف ثابت ٿيو.

وَ یَزِیۡدُ اللّٰهُ الَّذِیۡنَ اهۡتَدَوۡا هُدًی ؕ وَ الۡبٰقِیٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَیۡرٌ عِنۡدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَیۡرٌ مَّرَدًّا ﴿٧٦﴾

(٧٦) ۽ جن ماڻھن سچي واٽ لڌي ۽ ورتي تن ڪي الله تعاليٰ وڌيڪ ھدايت ٿو ڪري (۽ سنئين واٽ تي ٿو ھلائي) ۽ تنھنجي پروردگار جي حضور ۾ تہ باقي رھڻ واريون (يعني بقاءُ ڪندڙ) نيڪيون ئي بھتر آھن، ثواب ۾ توڙي (بھتر) نتيجن (ڏيکارڻ) ۾. (يعني چڱن عملن جا چڱا نتيجا نڪرندا ۽ وڏا انعام ۽ نعمتون ملنديون).

اَفَرَءَیۡتَ الَّذِیۡ كَفَرَ بِاٰیٰتِنَا وَ قَالَ لَاُوۡتَیَنَّ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿٧٧﴾ؕ

(٧٧) (اي پيغمبر!) تو ڏٺو تہ انھيءَ شخص جو ڪھڙو حال ٿيو جنھن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ مان ضرور مال ۽ دولت حاصل ڪندس ۽ مان ضرور گھڻي اولاد وارو ٿيندس.

اَطَّلَعَ الۡغَیۡبَ اَمِ اتَّخَذَ عِنۡدَ الرَّحۡمٰنِ عَهۡدًا ﴿٧٨﴾ۙ

(٧٨) (ھو جو ائين ٿو چوي سو) ھن ڪي غيب جي خبر پئجي ويئي آھي ڇا؟ يا خدا کان ڪو عھد وٺي ڇڏيو اٿس ڇا؟ (جو خدا ڪي ضرور ائين ئي ڪرڻو پوندو).

كَلَّا ۭ سَنَكْتُبُ مَا يَقُوْلُ وَنَمُدُّ لَهٗ مِنَ الْعَذَابِ مَدًّا ۙ﴿۷۹﴾

(٧٩) هرگز نہ (ائين ڪڏهن بہ ٿي نٿو سگهي) چگو هو جيڪي چوي ٿو سو اسان لکي ٿا ڇڏيون (يعني هن جي اها ڳالهہ ڪانہ وسرندي. سندس آڏو ايندي) ۽ سندس عذاب جي رسي ڊگهي ڪندا رهنداسين.

وَّنَرِثُهٗ مَا يَقُوْلُ وَيَاْتِيْنَا فَرْدًا ﴿۸۰﴾

(٨٠) هو جنهن مال ۽ اولاد جي دعويٰ ڪري ٿو (سو ڪٽي مليس تہ بہ) آخر هو اسان جي ئي قبضي ۾ ايندو. ۽ اسان وٽ ايندو بہ اڪيلوئي اڪيلو. (مال ۽ اولاد ڪم ڪونہ ايندس).

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ عِزًّا ۙ﴿۸۱﴾

(٨١) ۽ هنن ماڻهن الله کان سواءِ ٻين کي ڪٽي معبود بنايو آهي تہ سندن مددگار ٿين.

كَلَّا ۭ سَيَكْفُرُوْنَ بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِمْ ضِدًّا ﴿۸۲﴾ ع

(٨٢) پر هرگز ائين ڪونہ ٿيندو آهي (قيامت جي ڏينهن) سندن بندگيءَ بابت صاف انڪار ڪندا ۽ اٽلندو هنن جا مخالف ٿيندا.

رڪوع 6

**انسانن جا بہ فرقا آهن، هڪڙا متقي ۽ ٻيا سرڪش گهنگار، عيسائين جو حضرت عيسيٰ کي خدا جو پٽ ۽ خدا بنائي رکيو آهي، سا ڳالهہ تمام سخت ڪفر جي آهي.**

اَلَمْ تَرَ اَنَّآ اَرْسَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ عَلَي الْكٰفِرِيْنَ تَـؤُزُّهُمْ اَزًّا ۙ﴿۸۳﴾

(٨٣) (اي پيغمبر!) تون ڏسين تو چا تہ اسان شيطانن کي ڪافرن تي چاڙهي موڪليو آهي، انهيءَ لاءِ تہ هنن کي (گناهن ۽ فساد ڪرڻ لاءِ برغلائيندا ۽) اپارندا رهن.

فَلَا تَعْجَلْ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمْ عَدًّا ﴿۸۴﴾ ج

(٨٤) پوءِ تون انهن جي باري ۾ تڪڙ نہ ڪر، (سندن فيصلو ڪرڻ ۽ کين مغلوب ڪرڻ ۾ جا دير ٿي رهي آهي، سا فقط هن ڪري آهي جو) اسان هنن جا ڏينهن ڳڻي رهيا آهيون. (مقرر وقت ويجهو اچي ويو آهي).

يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ۙ﴿۸۵﴾

(٨٥) انهي ڏينهن (جو پري ناهي) اسان پرهيزگار انسانن کي پنهنجي حضور ۾ مهمانن وانگر آٿي هڪ هنڌ ڪٺو ڪنداسين.

وَّنَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿۸۶﴾

(٨٦) ۽ گهنگارن کي اڃايل جانور وانگر دوزخ ڏي ڪاهي هڪالي وينداسين.

لَا يَمْلِكُوْنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿۸۷﴾

(٨٧) انهيءَ ڏينهن سفارش ڪرڻ يا ڪرائڻ ڪنهن جي بہ اختيار ۾ نہ هوندو، سواءِ انهيءَ جي جنهن کي خدا جي حضور مان واعدو مليو هوندو.

وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿۸۸﴾ ط

(٨٨) ۽ اهي ماڻهو (يعني عيسائي) چون ٿا تہ رحمان خدا پنهنجو هڪ پٽ بنائي رکيو آهي.

لَقَدْ جِئْتُمْ شَيْـــًٔا اِدًّا ﴿۸۹﴾

(٨٩) اها تمام سخت خراب ڳالهہ آهي جا تاهي پيش ڪئي ويئي آهي.

تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَتَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَتَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا ﴿۹۰﴾

(٩٠) (اهڙي خراب ڳالهه تي ممڪن آهي ته) آسمان ڦاٽي پوي ۽ زمين ۾ ڏار پئجي وڃي ۽ جبل ڏڪي ڪري پون.

اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا ﴿۹۱﴾

(٩١) (جو) ماڻهو الله جي لاءِ پٽ هئڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن.

وَمَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿۹۲﴾

(٩٢) الله تعاليٰ کي ڪيئن ٿو جڳائي جو پاڻ لاءِ هڪ پٽ بنائي رکي.

اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّآ اٰتِي الرَّحْمٰنِ عَبْدًا ﴿۹۳﴾

(٩٣) حالانڪ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو به آهي سو انهيءَ لاءِ آهي ته الله جي اڳيان ٻانهپ جو سر جهڪائي حاضر ٿئي.

لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ وَعَدَّهُمْ عَدًّا ﴿۹۴﴾

(٩٤) هن (پنهنجي قدرت سان) انهن (عيسائين) کي گهيري هيٺ آڻي ڇڏيو آهي، ۽ (پنهنجي علم سان) هڪ هڪ کي ڳڻي ڇڏيو آهي.

وَكُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿۹۵﴾

(٩٥) ۽ قيامت جي ڏينهن سندس حضور ۾ اڪيلا اچي بيهندا. (يعني ڪو به مددگار ساڻن ڪونه هوندو).

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿۹۶﴾

(٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ نيڪ عملن کي لڳي ويا آهن تن متعلق يقين آهي ته رحمان خدا (ماڻهن جي دلين ۾) انهن لاءِ محبت پيدا ڪري ڇڏيندو. (يعني ماڻهو انهن ڏانهن ائين ڇڪجي ايندا جيئن لوهه جي سئي چقمق ڏانهن ايندي آهي ۽ ڪين نهايت پسند ڪندا).

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَتُنْذِرَ بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿۹۷﴾

(٩٧) (انهيءَ غرض سان) اسان قرآن کي تنهنجي ٻولي (عربي) ۾ نازل ڪري آسان ڪيو آهي ته پرهيزگار انسانن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏئي ۽ جيڪا قوم سچائيءَ جي مقابلي ۾ ضد ڪندڙ ۽ هٺ ڪندڙ هجي تنهن کي (انڪار ۽ سرڪشيءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪري ڇڏي.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ ۭ هَلْ تُحِسُّ مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿۹۸﴾

(٩٨) هنن (قريش سرڪشن) کان اڳي قومن جا ڪيترائي دور ٿي گذريا آهن جن کي اسان (بدعملن جي بدلي ۾) تباهه ڪري ڇڏيو. ڇا انهن مان ڪنهن جي به هستي (هاڻي) محسوس ڪيو ٿا؟ ڇا هنن جي رڳو ڀڻ ڀڻ به ڪا ٻڌجي ٿي؟

## سوره طه ـ مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**هي قرآن انهيءَ لاءِ نازل ٿيو ته جيڪا دل انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان ڊڄندڙ هجي، تن لاءِ نصيحت ٿئي.**

طٰهٰ ﴿۱﴾

(١) طاها (يعني اي شخص)

مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰٓى ﴿۲﴾

(٢) اسان توتي قرآن هن لاءِ نازل نه ڪيو آهي ته تون ڏکن ۽ تڪليفن ۾ پوين.

إِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَن يَخْشَىٰ ۝٣

(٣) هي تہ انهيءَ لاءِ نازل ٿيو آهي تہ جيڪا دل (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) ڏڄندڙ هجي تنهن جي لاءِ نصيحت ٿئي. (جيڪي ڏڄڻ وارا ناهن سي ان کي ٻڌندا بہ ڪين.)

تَنزِيلًا مِّمَّنْ خَلَقَ الْأَرْضَ وَالسَّمَاوَاتِ الْعُلَى ۝٤

(٤) اهو قرآن انهيءَ هستيءَ جو نازل ڪيل آهي، جنهن زمين پيدا ڪئي ۽ بلنديءَ وارو آسمان پيدا ڪيو.

الرَّحْمَٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوَىٰ ۝٥

(٥) اهو رحمان جو (جهانداري جي) تخت تي محڪم آهي.

لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَمَا تَحْتَ الثَّرَىٰ ۝٦

(٦) جيڪي جيڪي آسمان ۾ ۽ زمين ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي مٽيءَ جي هيٺان آهي (يعني زمين جي هيٺان آهي) سو سڀ سندس ئي آهي ۽ سندس ئي لاءِ آهي.

وَإِن تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ فَإِنَّهُ يَعْلَمُ السِّرَّ وَأَخْفَى ۝٧

(٧) ۽ جيڪڏهن تون (خدا کي) وڏي آواز سان ٿو سڏين (تہ خدا جو ٻڌڻ وڏي آواز جو محتاج ناهي) ڇو تہ هو لڪل ڳجهن جو بہ ڄاڻندڙ آهي ۽ سيني کان وڌيڪ لڪل ڳجهہ بہ ڄاڻي ٿو.

اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ لَهُ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَىٰ ۝٨

(٨) اهوئي الله آهي، ڪانئس سواءِ ٻي ڪوبہ معبود ڪونهي. انهيءَ ئي لاءِ سهڻا ۽ چڱا نالا (يعني صفتون) آهن.

وَهَلْ أَتَاكَ حَدِيثُ مُوسَىٰ ۝٩

(٩) ۽ (اي پيغمبر!) حضرت موسيٰ جي ڳالهہ تو ٻڌي آهي؟

إِذْ رَأَىٰ نَارًا فَقَالَ لِأَهْلِهِ امْكُثُوا إِنِّي آنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّي آتِيكُم مِّنْهَا بِقَبَسٍ أَوْ أَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ۝١٠

(١٠) جڏهن هن (پري کان) باهہ ڏٺي تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن کي (جيڪي ساڻس سفر ۾ گڏ هئا) چيائين تہ بيهو مون کي باهہ ٿي ڏسڻ ۾ اچي. مان (اوڏانهين) وڃان ٿو. ممڪن آهي تہ توهان جي (سيءَ لاهڻ) لاءِ ٽانڊو ڪٽي اچان. يا ڪم از ڪم باهہ وٽ (ويٺل) ڪو واٽ ڏيکارڻ وارو ملي وڃي.

فَلَمَّا أَتَاهَا نُودِيَ يَا مُوسَىٰ ۝١١

(١١) پوءِ جڏهن هو اتي پهتو تڏهن آواز آيو تہ، اي موسي!

إِنِّي أَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۖ إِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ۝١٢

(١٢) مان تنهنجو پروردگار آهيان، سو (ادب کان) پنهنجي جتي لاهي ڇڏ. تون طويٰ جي پاڪ ماٿري ۾ اچي بيٺو آهين.

وَأَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوحَىٰ ۝١٣

(١٣) ۽ ڏس مون توکي (رسول بنائڻ لاءِ) چونڊيو آهي. سو جيڪو وحي موڪلجي ٿو سو ڪن لائي ٻڌ.

إِنَّنِي أَنَا اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا أَنَا فَاعْبُدْنِي وَأَقِمِ الصَّلَاةَ لِذِكْرِي ۝١٤

(١٤) بيشڪ مان ئي الله آهيان، مون کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. تنهن ڪري فقط منهنجي ٻانهپ ڪر ۽ منهنجي يادگيري (رکڻ) لاءِ نماز قائم ڪر.

إِنَّ السَّاعَةَ آتِيَةٌ أَكَادُ أُخْفِيهَا لِتُجْزَىٰ كُلُّ نَفْسٍ بِمَا تَسْعَىٰ ﴿١٥﴾

(١٥) بيشڪ (مقرر) وقت اچڻ وارو آهي. آءٌ ان (جي وقت) کي لڪائڻ گهران ٿو، انهيءَ لاءِ ته (ماڻهن جي ايمان ۽ عمل جي آزمائش ٿئي ۽) جنهن شخص جي جهڙي ڪوشش هجي تهڙو بدلو ڪيس ملي.

فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا مَنْ لَا يُؤْمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ هَوَاهُ فَتَرْدَىٰ ﴿١٦﴾

(١٦) پوءِ (ڏسجانءِ ته ائين نه ٿئي جو) اهي ماڻهو جيڪي ان وقت جي اچڻ متعلق يقين رکندڙ نه هجن ۽ پنهنجي خواهشن جا غلام هجن، سي توکي به (اڳتي وڌڻ کان) روڪي وجهن ۽ نتيجو هيءُ نڪري جو تون تباهه ٿي وڃين.

وَمَا تِلْكَ بِيَمِينِكَ يَا مُوسَىٰ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ (غيبي آواز پڇيو ته) اي موسيٰ! تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟

قَالَ هِيَ عَصَايَ أَتَوَكَّأُ عَلَيْهَا وَأَهُشُّ بِهَا عَلَىٰ غَنَمِي وَلِيَ فِيهَا مَآرِبُ أُخْرَىٰ ﴿١٨﴾

(١٨) حضرت موسيٰ عرض ڪيو ته، هيءَ منهنجي لٺ آهي. گهمڻ ۾ ان تي ٽيڪ ڏيندو آهيان، انهيءَ ئي سان پنهنجي ٻڪرين جي لاءِ وڻن جا پن ڇاڻيندو آهيان، ۽ منهنجي لاءِ ان ۾ ٻيا به طرحين طرحين جا فائدا آهن.

قَالَ أَلْقِهَا يَا مُوسَىٰ ﴿١٩﴾

(١٩) حڪم ٿيو ته، اي موسيٰ! ان کي (زمين تي) رک.

فَأَلْقَاهَا فَإِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعَىٰ ﴿٢٠﴾

(٢٠) حضرت موسيٰ ان کي (زمين تي) ڦٽو ڪيو ته ڇا ڏسي ته، هڪ نانگ آهي جو ڊوڙي ٿو پيو.

قَالَ خُذْهَا وَلَا تَخَفْ ۖ سَنُعِيدُهَا سِيرَتَهَا الْأُولَىٰ ﴿٢١﴾

(٢١) حڪم ٿيو ته ان کي هاڻي پڪڙي جهل. خوف نه ڪر، اسان ان کي وري اصلوڪي حالت ۾ ٿا آڻيون.

وَاضْمُمْ يَدَكَ إِلَىٰ جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَاءَ مِنْ غَيْرِ سُوءٍ آيَةً أُخْرَىٰ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ (پڻ حڪم ٿيو ته) پنهنجو هٿ پنهنجي پاسي ۾ رک ۽ وري ڪڍي وٺ. بنا ڪنهن عيب جي چمڪندو نڪري ايندو. اها (تنهنجي لاءِ) ٻي نشاني آهي.

لِنُرِيَكَ مِنْ آيَاتِنَا الْكُبْرَى ﴿٢٣﴾

(٢٣) (اهي ٻئي نشانيون) هن لاءِ (ڏنيون ويون آهن) ته آئنده توکي پنهنجي قدرت جون وڏيون وڏيون نشانيون ڏيکاريون.

اذْهَبْ إِلَىٰ فِرْعَوْنَ إِنَّهُ طَغَىٰ ﴿٢٤﴾

(٢٤) (پڻ حڪم ٿيو ته هاڻي اي موسيٰ) تون فرعون (يعني مصر جي بادشاهه) ڏي وڃ. هو وڏو سرڪش ٿي پيو آهي.

رکوع 2

**حضرت موسيٰ جا خدا تعاليٰ کي ڪي عرض ۽ انهن جو قبول پوڻ**

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِي صَدْرِي ﴿٢٥﴾

(٢٥) موسيٰ عرض ڪيو ته، اي پروردگار منهنجو سينو کولي ڇڏ (ته وڏي ۾ وڏيون تڪليفون برداشت ڪرڻ جهڙو ٿيان ۽ وڏا حڪم ڪري سگهان.)

وَيَسِّرْ لِي أَمْرِي ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ منهنجو ڪم منهنجي لاءِ آسان ڪر (جيئن ڪابه مشڪل مون تي غالب نه پوي.)

وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ ڇوڙي ڇڏ. (انهيءَ لاءِ ته ڳالهائڻ ۽ تقرير ڪرڻ ۾ رواني پيدا ٿئي.)

يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾

(٢٨) منهنجي ڳالهه ماڻهن جي دماغ ۾ ويهي ۽ دلنشين ٿئي.

وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِي ﴿٣٠﴾

(٢٩۽٣٠) پڻ منهنجي گهر وارن مان منهنجي ڀاءُ هارون کي منهنجو وزير بناءِ.

اشْدُدْ بِهٖۤ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾

(٣١) هن کي (منهنجو مددگار بنائي) منهنجي طاقت وڌاءِ.

وَاَشْرِكْهُ فِيْۤ اَمْرِيْ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ هن کي منهنجي ڪم ۾ شريڪ ڪر.

كَيْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾

(٣٣) اسان (ٻئي گڏجي) تنهنجي پاڪائي ۽ وڏائي جو بيان گهڻي ۾ گهڻو ڪيون.

وَّنَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ تنهنجي يادگيريءَ ۾ گهڻي قدر لڳا رهون.

اِنَّكَ كُنْتَ بِنَا بَصِيْرًا ﴿٣٥﴾

(٣٥) بيشڪ تون اسان جو حال ڏسي رهيو آهين (۽ اسان کان ڪنهن به حال ۾ غافل نه آهين).

قَالَ قَدْ اُوْتِيْتَ سُؤْلَكَ يٰمُوْسٰى ﴿٣٦﴾

(٣٦) ارشاد ٿيو ته، اي موسىٰ تنهنجي دعا قبول پيئي.

وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلَيْكَ مَرَّةً اُخْرٰۤى ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ (توکي معلوم آهي ته) اسان توتي اڳي به هڪ ڀيرو اهڙو احسان ڪري چڪا آهيون.

اِذْ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰۤى اُمِّكَ مَا يُوْحٰۤى ﴿٣٨﴾

(٣٨) اسان توکي ٻڌايون ٿا (ته انهيءَ وقت ڇا ٿيو هو) جڏهن اسان تنهنجي ماءُ جي دل ۾ هيءَ ڳالهه وڌي هئي.

اَنِ اقْذِفِيْهِ فِي التَّابُوْتِ فَاقْذِفِيْهِ فِي الْيَمِّ
فَلْيُلْقِهِ الْيَمُّ بِالسَّاحِلِ يَاْخُذْهُ عَدُوٌّ لِّيْ وَعَدُوٌّ
لَّهٗ ؕ وَاَلْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً مِّنِّيْ ۚ۬ وَلِتُصْنَعَ عَلٰى
عَيْنِيْ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ته ٻچي کي يعني توکي (جڏهن تون ڄايو هئين) هڪ صندوق ۾ وجهه ۽ صندوق کي درياه ۾ ڦٽو ڪر. درياهه ان کي ڪناري تي ڏکي ڇڏيندو. پوءِ ان کي اهو کڻي وٺندو جو منهنجو (يعني ذات انسان جو) دشمن آهي ۽ پڻ هن ٻچي جو به دشمن آهي. (اي موسىٰ) اسان پنهنجي خاص فضل سان توتي محبت جي ڇانو ڪئي هئي، (جو ڏاريان به توسان محبت ڪرڻ لڳا) ۽ اهو هن لاءِ هو جو اسان چاهيو ٿي ته تون اسان جي (خاص) نظر هيٺ پرورش ۽ سنڀال پائين.

اِذْ تَمْشِيْۤ اُخْتُكَ فَتَقُوْلُ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى مَنْ
يَّكْفُلُهٗ ؕ فَرَجَعْنٰكَ اِلٰۤى اُمِّكَ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا
تَحْزَنَ ؕ۬ وَقَتَلْتَ نَفْسًا فَنَجَّيْنٰكَ مِنَ الْغَمِّ وَ
فَتَنّٰكَ فُتُوْنًا ۫ فَلَبِثْتَ سِنِيْنَ فِيْۤ اَهْلِ

(٤٠) تنهنجي ڀيڻ جڏهن اتان لنگهي تڏهن (به اسان ئي ائين ڪيو جو) هن (فرعون جي ذيءَ کي) چيو ته، مان اوهان کي اهڙي عورت ڏسيان ۽ ڏيکاريان جا هن ٻچي کي (يعني توکي) پالي ۽ نپائي؟ ۽ اهڙيءَ طرح اسان توکي وري تنهنجي ماءُ جي هنج ۾ موٽائي ڏنو ته سندس اکيون ٺرن ۽ (ٻچي جي جدائيءَ ۾) غمگين نه رهي. پوءِ (ڏس ته ڇا ٿيو جو) تو (مصر

مَدۡيَنَ ۬ۙ ثُمَّ جِئۡتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوۡسٰى ﴿۴۰﴾

۾) هڪ ماڻهو ماري وڌو. اسان توکي هن معاملي جي غم کان ڇڏايو ۽ توکي هر طرح جي حالتن ۾ وجهي آزمايو. پوءِ تون ڪيترائي سال مدين جي ماڻهن ۾ رهيو هئين، (انهن سيني ڳالهين حضرت موسيٰ کي نبوت جي لائق ڪيو، ۽ مدين جي بيابانن ۾ ٻڪريون چاري تڪليفن برداشت ڪرڻ جهڙو ٿيو). آخر اي موسيٰ تون (مقرر) اندازي تي پورو آئين. (يعني آخر رسالت جي ڪم ڪرڻ جو لائق ٿئين).

وَاصۡطَنَعۡتُكَ لِنَفۡسِىۡۚ ﴿۴۱﴾

(٤١) ۽ (ڏس اهڙيءَ طرح) مون توکي پنهنجي لاءِ (يعني پنهنجي خاص ڪم لاءِ) بنايو ۽ تيار ڪيو آهي.

اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَاَخُوۡكَ بِاٰيٰتِىۡ وَلَا تَنِيَا فِىۡ ذِكۡرِىۡۚ ﴿۴۲﴾

(٤٢) (هاڻي) تون ۽ تنهنجو ڀاءُ ٻئي منهنجون نشانيون کڻي وڃو ۽ منهنجي يادگيري ڪرڻ (۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪرڻ) ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪجو.

اِذۡهَبَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ اِنَّهٗ طَغٰىۖۚ ﴿۴۳﴾

(٤٣) توهان ٻئي (يعني موسيٰ ۽ هارون، جي هاڻي مصر ۾ پاڻ ۾ گڏيا ۽ الله تعاليٰ وري هنن کي خطاب ڪيو ته، توهان ٻئي) فرعون ڏي وڃو. هو سرڪشيءَ ۾ تمام گهڻو وڌي ويو آهي.

فَقُوۡلَا لَهٗ قَوۡلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوۡ يَخۡشٰى ﴿۴۴﴾

(٤٤) پوءِ (جڏهن وٽس وڃو تڏهن سختيءَ سان پيش نه اچجو) نرميءَ سان ڳالهائجو (توهان کي ڪهڙي خبر؟) ممڪن آهي ته نصيحت وٺي يا (عاقبت يا ايندڙ عذاب کان) ڊڄي.

قَالَا رَبَّنَاۤ اِنَّنَا نَخَافُ اَنۡ يَّفۡرُطَ عَلَيۡنَاۤ اَوۡ اَنۡ يَّطۡغٰى ﴿۴۵﴾

(٤٥) ٻنهي عرض ڪيو ته، اي اسان جا پروردگار! اسان کي خوف آهي ته فرعون اسان جي مخالفت ۾ اڀرائي ڪندو يا سرڪشيءَ سان پيش ايندو.

قَالَ لَا تَخَافَاۤ اِنَّنِىۡ مَعَكُمَاۤ اَسۡمَعُ وَاَرٰى ﴿۴۶﴾

(٤٦) ارشاد ٿيو ته خوف نه ڪيو. مان توهان سان آهيان. مان سڀ ڪجهه ٻڌان ٿو ۽ سڀ ڪجهه ڏسان ٿو.

فَاۡتِيٰهُ فَقُوۡلَاۤ اِنَّا رَسُوۡلَا رَبِّكَ فَاَرۡسِلۡ مَعَنَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۬ۙ وَلَا تُعَذِّبۡهُمۡؕ قَدۡ جِئۡنٰكَ بِاٰيَةٍ مِّنۡ رَّبِّكَؕ وَالسَّلٰمُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الۡهُدٰى ﴿۴۷﴾

(٤٧) توهان وٽس (بي ڌڙڪ) تي وڃو ۽ چئو ته، اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيون تنهن ڪري بني اسرائيلن کي اسان سان گڏ (مصر مان نڪري وڃڻ جي) موڪل ڏي ۽ هنن تي سختيون نه ڪر. اسان تنهنجي پروردگار جي نشاني کڻي تو وٽ آيا آهيون، سلامتي هجي انهيءَ تي جيڪو سڌي واٽ وٺي.

اِنَّا قَدۡ اُوۡحِىَ اِلَيۡنَاۤ اَنَّ الۡعَذَابَ عَلٰى مَنۡ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿۴۸﴾

(٤٨) جيڪو (حقيقت کي) ڪوڙو ٺهرائي رد ڪري ۽ (مڃڻ کان) منهن موڙي ڇڏي، تنهن جي باري ۾ اسان ڏي وحي اچي چڪو آهي ته هن تي ضرور عذاب اچڻو آهي.

قَالَ فَمَنۡ رَّبُّكُمَا يٰمُوۡسٰى ۝٤٩

(٤٩) (ٻئي ڀائر فرعون وٽ ويا ۽ مٿيان لفظ ڪيس چيائون، تنهن تي) فرعون پڇيو ته، جيڪڏهن ائين آهي ته ٻڌايو ته سهي ته اوهان جو پروردگار، اي موسيٰ! ڪير آهي؟

قَالَ رَبُّنَا الَّذِىۡۤ اَعۡطٰى كُلَّ شَىۡءٍ خَلۡقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ۝٥٠

(٥٠) حضرت موسيٰ فرمايو ته، اسان جو پروردگار اهو آهي جنهن هر چيز کي سندس خلقت بخشي ۽ پوءِ ان لاءِ (زندگي ۽ عمل جي) راهه کولي ڇڏي.

قَالَ فَمَا بَالُ الۡقُرُوۡنِ الۡاُوۡلٰى ۝٥١

(٥١) فرعون پڇيو ته، پوءِ انهن جو ڪهڙو حال ٿيڻو آهي، جيڪي اڳين زمانن ۾ ٿي گذريا آهن؟ (يعني انهن کي ته تنهنجي انهيءَ پروردگار جي خبر به ڪانه هئي.)

قَالَ عِلۡمُهَا عِنۡدَ رَبِّىۡ فِىۡ كِتٰبٍ‌ ۚ لَا يَضِلُّ رَبِّىۡ وَلَا يَنۡسَى ۝٥٢

(٥٢) حضرت موسيٰ فرمايو ته، انهيءَ ڳالهه جو علم منهنجي پروردگار وٽ ڪتاب ۾ لکيل آهي. منهنجو پروردگار نڪي ڀل چڪ ٿو ڪري، نڪي ويسر ٿو ڪري.

الَّذِىۡ جَعَلَ لَـكُمُ الۡاَرۡضَ مَهۡدًا وَّسَلَكَ لَـكُمۡ فِيۡهَا سُبُلًا وَّاَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ؕ فَاَخۡرَجۡنَا بِهٖۤ اَزۡوَاجًا مِّنۡ نَّبَاتٍ شَتّٰى ۝٥٣

(٥٣) اهو پروردگار جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي بستري وانگر وڇائي ڇڏيو آهي، هيڏي هوڏي اچڻ وڃڻ لاءِ ان ۾ واٽون ڪري ڇڏيون اٿس، آسمان مان مينهن ٿو وسائي، ان جي ريج سان هر طرح جي نباتات (اوپڙن) جا جوڙا (يعني نر ۽ مادي) پيدا ٿو ڪري.

كُلُوۡا وَارۡعَوۡا اَنۡعَامَكُمۡ‌ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰ لِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِى النُّهٰى ۝٥٤

(٥٤) پاڻ به کائو ۽ پنهنجي ڍورن کي به چاريو. هن ڳالهه ۾ عقل وارن لاءِ کهڙيون نه چٽيون نشانيون آهن.

## رڪوع 3

### مصر جي جادوگرن جي حضرت موسيٰ سان مقابلو سندن شڪست ۽ مٿس ايمان آڻڻ.

مِنۡهَا خَلَقۡنٰكُمۡ وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ وَمِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى ۝٥٥

(٥٥) هن (يعني الله تعاليٰ) اوهان کي انهيءَ ئي زمين مان پيدا ڪيو آهي، انهيءَ ئي ۾ (مرڻ بعد) موٽائي آڻي ٿو ۽ وري انهيءَ مان ئي ٻيهر اٿاريا ويندؤ.

وَلَقَدۡ اَرَيۡنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَاَبٰى ۝٥٦

(٥٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان فرعون کي پنهنجون سڀ نشانيون ڏيکاريون، پر تنهن هوندي به هن اهي ڪوڙيون سمجهيون ۽ (ايمان آڻڻ کان) انڪار ڪيو.

قَالَ اَجِئۡتَنَا لِتُخۡرِجَنَا مِنۡ اَرۡضِنَا بِسِحۡرِكَ يٰمُوۡسٰى ۝٥٧

(٥٧) هن چيو ته، اي موسيٰ! تون اسان ڏي هن لاءِ آيو آهين ڇا ته پنهنجي جادوءَ جي زور سان اسان کي اسان جي ملڪ مان تڙي ڪڍي ڇڏين؟

فَلَنَاۡتِيَنَّكَ بِسِحۡرٍ مِّثۡلِهٖ فَاجۡعَلۡ بَيۡنَنَا وَ

(٥٨) ڇڱو اسان به اهڙي ئي جادوءَ جا ڪرشما توکي آڻي ڏيکاريندا سين،

بَيْنَكَ مَوْعِدًا لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَلَآ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿٥٨﴾

اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ (مقابلي ڪرڻ جو) هڪ ڏينهن مقرر ڪر. نڪي اسان ان کان ڦرنداسين، نڪي تون ڦري وڃجانءِ. ٻنهي لاءِ هڪ جهڙي جاءِ (يا حالت) هجي (يعني عدل ۽ انصاف سان مقابلو ٿيندو.)

قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ الزِّيْنَةِ وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿٥٩﴾

(٥٩) حضرت موسيٰ فرمايو ته، جشن جو ڏينهن اوهان جي لاءِ مقرر ٿئي ۽ پهر سج ڏاري ماڻهو ڪٺا ٿين.

فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ كَيْدَهٗ ثُمَّ اَتٰى ﴿٦٠﴾

(٦٠) پوءِ فرعون (اها ڳالهه قبول ڪري) منهن ڦيرائي هليو ويو. پنهنجون سڀ رٿون (ٺاهي جادوءَ جو سامان ۽ جادوگر) گڏ ڪيائين ۽ پوءِ (مقرر وقت تي مقابلي جي لاءِ) اچي ويو.

قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ ۚ وَقَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى ﴿٦١﴾

(٦١) حضرت موسيٰ (سڀني گڏ ٿيل ماڻهن ڏي منهن ڪري) چيو ته، افسوس آهي اوهان جي حال تي! (توهان ڇا ڪري رهيا آهيو) الله تي ڪوڙي تهمت نه لڳايو، جنهن ڪري ائين ٿئي جو هو عذاب موڪلي اوهان جون پاڙون پٽي ڇڏي. ياد رکو ته، جنهن به ڪوڙي ڳالهه ٺاهي سو ضرور ناڪامياب ۽ نامراد ٿي ويو.

فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوٰى ﴿٦٢﴾

(٦٢) (اهو ٻڌي) ماڻهو ان معاملي بابت پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ۽ مخفي طرح (سس پس ۾) ڳالهيون شروع ڪري ڏنائون.

قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِمَا وَيَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى ﴿٦٣﴾

(٦٣) پوءِ (درٻارين) چيو ته، هي ٻئي ڀائر ضرور جادوگر آهن. هو چاهين ٿا ته پنهنجي جادوءَ جي زور سان اوهان کي اوهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏين ۽ توهان جي شان شوڪت جا مالڪ ٿي ويهن.

فَاَجْمِعُوْا كَيْدَكُمْ ثُمَّ ائْتُوْا صَفًّا ۚ وَقَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ مَنِ اسْتَعْلٰى ﴿٦٤﴾

(٦٤) تنهن ڪري پنهنجا سڀ جادوءَ جا داءُ (۽ سامان) ڪٺا ڪيو ۽ قطارون ٻڌي ثابت قدم ٿي بيهو. جيڪو اڄ بازي ڪٽندو سو ڪامياب ٿيندو (۽ وڏا درجا حاصل ڪندو.)

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى ﴿٦٥﴾

(٦٥) جادوگرن چيو ته، اي موسيٰ يا ته تون ڦهرائين (پنهنجي لٺ يا جادو ميدان ۾ آڻ، يا وري اسان جي طرف کان اڇلائڻ جي (يعني جادو ڏيکارڻ جي) شروعات ٿئي.

قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَعِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ اِلَيْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى ﴿٦٦﴾

(٦٦) حضرت موسيٰ فرمايو ته، توهان ئي اول پنهنجا ڪرتب ڏيکاريو. (هنن ائين ڪيو ۽) حضرت موسيٰ کي سندن جادو (يا چشم بنديءَ) جي ڪري ائين ڏسڻ ۾ آيو ته سندن لٺيون ۽ رسيون (نانگن وانگر) ڊوڙي رهيون آهن.

فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً مُّوْسٰى ﴿٦٧﴾

(٦٧) حضرت موسيٰ پنهنجي دل ۾ ڊپ محسوس ڪيو (ته متان هن ڪوڙي ڏيک ويک تي ماڻهو ٺڳجي وڃن.)

قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿٦٨﴾

(٦٨) سو اسان کيس چيو ته، ڊپ نه ڪر، تون ئي غالب پوندين.

وَاَلْقِ مَا فِيْ يَمِيْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا ؕ اِنَّمَا صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ ؕ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُ حَيْثُ اَتٰى ﴿٦٩﴾

(٦٩) تنهنجي ساڄي هٿ ۾ جيڪا لٺ آهي سا هڪدم ميدان ۾ اڇلاءِ، اها جادوگرن جي سيني بناوتن کي ڳهي ويندي. هنن جيڪي به بنايو آهي، سو فقط جادوگرن جو فريب آهي ۽ جادوگر ڪهڙي به واٽ کان اچي (۽ ڇا به ڪري) ڪڏهن به هو ڪامياب نه ٿيندا.

فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَمُوْسٰى ﴿٧٠﴾

(٧٠) (ٿيو به ائين) سڀ جادوگر بي اختيار سجدي ۾ ڪري پيا، ۽ چيائون ته بس اسان هارون ۽ موسيٰ جي خدا تي ايمان آندو.

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُصَلِّبَنَّكُمْ فِيْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ۫ وَلَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَآ اَشَدُّ عَذَابًا وَّاَبْقٰى ﴿٧١﴾

(٧١) فرعون چيو ته، هي ڇا؟ توهان منهنجي حڪم کان سواءِ موسيٰ تي ايمان آندو آهي، ضرور هو اوهان جو سردار آهي، جنهن اوهان کي جادو سيکاريو آهي. چڱو هاڻي ڏسو ته مان ڇا ٿو ڪيان، مان اوهان جا هٿ پير ابتا سبتا وڍائيندس ۽ ڪجين جي ٿڙن تي سوريءَ چڙهائيندس. پوءِ توهان کي سڌ پوندي ته اسان ٻهي ڏرين مان ڪير سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. ۽ ڪنهن جو عذاب گهڻو جٽاءُ ڪندڙ آهي.

قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالَّذِيْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَآ اَنْتَ قَاضٍ ؕ اِنَّمَا تَقْضِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٧٢﴾

(٧٢) هنن (نماڻائيءَ سان پر بنا ڊپ جي) ڇٽي ڏنو ته، اسان هرگز ائين نه ڪنداسين جو جيڪي (سچائيءَ جا) روشن دليل اسان جي اڳيان اچي چڪا آهن ۽ جنهن خدا اسان کي پيدا ڪيو آهي تن کان منهن موڙي تنهنجو حڪم مڃيون. تون جيڪو فيصلو ڪرڻ چاهين ٿو سو ڀلي ڪر. تون جيڪي گهٽي ۾ گهٽو ڪري سگهين ٿو سو فقط هي آهي ته دنيا جي هن زندگيءَ بابت ڪو فيصلو ڪرين، (ان کان وڌيڪ تنهنجي اختيار ۾ ڪجهه ناهي).

اِنَّآ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِيَغْفِرَ لَنَا خَطٰيٰنَا وَمَآ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿٧٣﴾

(٧٣) اسان ته پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻي چڪا آهيون ته هو اسان جون خطائون بخشي ڇڏي، (خصوصاً جادوگريءَ جو ڏوهه بخشي) جنهن جي ڪرڻ تي تون اسان کي مجبور ڪندو هئين، (اسان جي لاءِ) الله تعاليٰ بهتر آهي، ۽ اهوئي باقي رهڻ وارو (دائم ۽ قائم) آهي.

اِنَّهٗ مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ؕ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ﴿٧٤﴾

(٧٤) بلاشڪ جيڪو شخص پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ گنهگار ٿي حاضر ٿيندو تنهن لاءِ يقيناً دوزخ (۾ پوڻ جي سزا) هوندي. نڪي هو ان ۾ مرندو نه جيئندو (ٻنهي حالتن جي وچ ۾ ڦٿڪندو رهندو.).

وَمَنْ يَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿٧٥﴾

(٧٥) ۽ جيڪو سندس حضور ۾ (سچو) مؤمن ٿي حاضر ٿيندو، ۽ عمل به چڱا ڪيا هوندائين تنهن (۽ اهڙن ٻين ماڻهن) لاءِ وڏا وڏا درجا هوندا.

جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

(٧٦) (انهن لاءِ) دائمي باغ بستان هوندا، جن جي هيٺان نهرون وهندڙ

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَذٰلِكَ جَزٰۗؤُا مَنْ تَزَكّٰى ۝٧٦

هونديون. هو هميشہ انهن ۾ رهندا. انهيءَ ماڻهو لاءِ بدلو (يا انعام) آهي، جيڪو (پنهنجي دنيائي زندگيءَ ۾ هر طرح جي گناهن ۽ پليتين کان) پاڪ رهيو.

### رکوع 4

### حضرت موسيٰ جو بني اسرائيل کي مصر مان ڪڍي آزادي ڏيارڻ ۽ بني اسرائيل جا انگل.

وَلَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ڏ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّلَا تَخْشٰى ۝٧٧

(٧٧) ۽ اسان موسيٰ ڏي وحي موڪليو تہ (هاڻي) منهنجي بندن کي راتوواه (مصر مان) ڪڍي وڃ. پوءِ سمنڊ ۾ انهن جي لنگهڻ لاءِ خشڪيءَ جي واٽ ڳولي ڪڍ. نڪي پٺيان پوندڙن کان ڪو انديشو هوندوَ، نڪي ڪنهن بہ طرح جو ڪو ٻيو خطرو هوندوَ.

فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ۝٧٨

(٧٨) پوءِ (جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي پاڻ سان وٺي نڪري ويو تڏهن) فرعون پنهنجي لشڪر سان سندس پٺيان پيو، پوءِ پاڻيءَ جو وهڪرو جو انهن تي چڙهي وڃڻو هو سو چڙهي ويو.

وَاَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَمَا هَدٰى ۝٧٩

(٧٩) ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهہ ڪري ڇڏيو. انهن کي سڌي واٽ نہ ڏيکاريائين.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ قَدْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَوٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ۝٨٠

(٨٠) اي بني اسرائيلؤ! مون اوهان کي اوهان جي دشمن کان ڇڏايو. توهان سان (برڪتن ۽ نعمتن جو) واعدو پورو ڪيم، جو طور جبل جي ساڄي پاسي ڪيو هوم. توهان جي لاءِ (سينا جي رڻ پٽ ۾) من ۽ سلويٰ (شڪر ۽ تتر پکي) مهيا ڪيم.

كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَلَا تَطْغَوْا فِيْهِ فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِيْ ۚ وَمَنْ يَّحْلِلْ عَلَيْهِ غَضَبِيْ فَقَدْ هَوٰى ۝٨١

(٨١) (۽ توهان کي چيم تہ) هيءَ جا پاڪ غذا مهيا ڪئي ويئي آهي سا شوق سان کائو، پر ان باري ۾ سرڪشي نہ ڪجو. سرڪشي ڪندؤ تہ منهنجو غضب نازل ٿيندو، ۽ جهن تي بہ منهنجو غضب نازل ٿيو سو سمجهو تہ تباهہ ٿي ويو.

وَاِنِّىْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰى ۝٨٢

(٨٢) ۽ (مون چيو تہ) جيڪو بہ توبهہ ڪندو (۽ سرڪشي ڇڏي مون ڏي موٽندو)، ايمان آڻيندو، ۽ نيڪ عمل ڪندو ۽ سنئين سڌي واٽ وٺندو تنهن لاءِ يقيناً مان وڏو بخشيندڙ آهيان.

وَمَآ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ يٰمُوْسٰى ۝٨٣

(٨٣) ۽ (جڏهن موسيٰ! طور جبل وٽ حاضر ٿيو تڏهن اسان ڪائنس پڇيو تہ) اي موسيٰ! توکي ڪهڙيءَ ڳالھ اهڙو تڪڙو ڪيو جو پنهنجي قوم کي پٺتي ڇڏي هليو آئين؟

قَالَ هُمْ اُولَاۗءِ عَلٰٓي اَثَرِيْ وَعَجِلْتُ اِلَيْكَ

(٨٤) حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ منهنجا ماڻهو (مون کان پري

رَبِّ لِتَرْضٰى ﴿۸۴﴾

ڪونهن) منهنجي نقش قدم تي هلندڙ آهن. (هيءَ معنيٰ بہ ٿي سگهي ٿي تہ منهنجي پيروي ڪري رهيا آهن) ۽ اي پروردگار مان تنهنجي حضور ۾ اچڻ لاءِ تڪڙ ڪئي تہ تون خوش ٿئين.

قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا قَوْمَكَ مِنْۢ بَعْدِكَ وَ
اَضَلَّهُمُ السَّامِرِيُّ ﴿۸۵﴾

(٨٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ مان تنهنجي پٺيان تنهنجي قوم جي (استقامت جي) آزمائش ورتي ۽ سامريءَ هنن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي.

فَرَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۚ
قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ رَبُّكُمْ وَعْدًا
حَسَنًا ؕ اَفَطَالَ عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ
اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ
فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِيْ ﴿۸۶﴾

(٨٦) سو حضرت موسيٰ غصي ۽ ڏک ۾ ڀرجي پنهنجي قوم جي ماڻهن ڏي موٽيو. هن چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو (هي توهان ڇا ڪيو) توهان سان توهان جي پروردگار هڪ وڏي ڀلائي جو واعدو نہ ڪيو هو ڇا؟ پوءِ ائين ٿيو ڇا تہ اوهان لاءِ وڏي مدت گذري ويئي (۽ اوهان کان اها ڳالهہ وسري ويئي؟) يا توهان هي ڳالهہ چاهي ٿا تہ توهان جي پروردگار جو غضب توهان تي نازل ٿئي، ۽ انهيءَ ڪري اوهان مون سان ٺهرايل ڳالهہ (يا واعدو) ٽوڙي ڇڏيو.

قَالُوْا مَآ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا وَلٰكِنَّا
حُمِّلْنَآ اَوْزَارًا مِّنْ زِيْنَةِ الْقَوْمِ
فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ اَلْقَى السَّامِرِيُّ ۙ﴿۸۷﴾

(٨٧) هنن چيو تہ اسان پاڻ پنهنجي خواهشن سان عهد ڪونہ ٽوڙيو. پر (ڇا ٿيو جو) ماڻهن جي زيب ۽ زينت جي زيورن ۽ سامان جو بار اسان تي گهڻو پئجي ويو هو. اهي اسان اڇلائي ڇڏيا. (بس اسان جو قصور تہ فقط ايترو آهي (هتي ماڻهن جي ڳالهہ ختم ٿي. پوءِ الله تعاليٰ سندن قصو هن طرح ٻڌائي ٿو تہ) اهڙيءَ طرح (جڏهن زيورن جو سون گڏ ٿي ويو تڏهن) سامريءَ ان کي (باهہ ۾) وڌيو.

فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا
هٰذَآ اِلٰهُكُمْ وَاِلٰهُ مُوْسٰى ۬ فَنَسِيَ ؕ﴿۸۸﴾

(٨٨) ۽ هن ماڻهن لاءِ هڪ (سونو) گابو (ٺاهي) ڪڍي آندو. خالي بي جان جسم هو جنهن مان ڳئون جي رنڀ جهڙو آواز ٿي نڪتو. ماڻهن (اها حالت ڏسي) چئي ڏنو تہ اهو آهي اسان جو معبود ۽ موسيٰ جو بہ. پر حضرت موسيٰ ان کي وساري ڇڏيو آهي.

اَفَلَا يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ اِلَيْهِمْ قَوْلًا ۬ۙ وَّلَا
يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ﴿۸۹﴾

(٨٩) (افسوس سندن عقل تي) هنن کي اها (سولي) ڳالهہ بہ ڏسڻ (۽ سمجهڻ) ۾ نہ آئي تہ گابو (آواز تہ ڪڍي ٿو پر) هنن جي ڳالهہ جو جواب ڏئي نٿو سگهي. نڪي ڪين اهو ڪو فائدو پهچائي ٿو سگهي، نڪي ڪو نقصان.

## رڪوع 5

### سامري جو قصو، گهنگارن جو حال قيامت جي ڏينهن

وَلَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ يٰقَوْمِ
اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَاِنَّ رَبَّكُمُ الرَّحْمٰنُ
فَاتَّبِعُوْنِيْ وَاَطِيْعُوْٓا اَمْرِيْ ﴿۹۰﴾

(٩٠) ۽ حضرت هارون ان کان اڳي ئي (هنن گابي جي پوڄا ڪندڙن کي صاف صاف) چيو هو تہ اي منهنجا ڀائرؤ! هي فقط توهان جي (استقامت جي) آزمائش ٿي رهي آهي. توهان جو پروردگار تہ رحمان خدا آهي. سو منهنجي پيروي ڪيو ۽ منهنجي چوڻ کان ٻاهر نہ وڃو.

قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَيْهِ عٰكِفِيْنَ حَتّٰى يَرْجِعَ اِلَيْنَا مُوْسٰى ۝٩١

(٩١) هنن جواب ڏنو ته، جيستائين حضرت موسيٰ (موٽي نه اچي تيستائين اسان ان (ڳابي) جي پوڄا تي ڄميا رهنداسين.

قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْٓا ۝٩٢

(٩٢) حضرت موسيٰ (موٽي اچڻ تي) چيو ته اي هارون جڏهن تو ڏٺو ته هي ماڻهو گمراهه ٿي ويا آهن، تڏهن ڪهڙي ڳالهه تي جو تو کين نه روڪيو.

اَلَّا تَتَّبِعَنِ ۭ اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ۝٩٣

(٩٣) انهيءَ ڳالهه کان جو منهنجي پيروي قٿي ڪيائيون؟ توکي اها ڳالهه وڻي ڇا ته منهنجي حڪم کان ٻاهر وڃين.

قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَلَا بِرَاْسِيْ ۚ اِنِّيْ خَشِيْتُ اَنْ تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَيْنَ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ وَلَمْ تَرْقُبْ قَوْلِيْ ۝٩٤

(٩٤) هارون چيو ته، اي منهنجا پيارا ڀاءُ! منهنجي ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن کي نه ڇڪ، (مان هنن سان سختي فقط هن ڪري نه ڪئي جو) مان ڊنس ته متان تون چوين ته تو بني اسرائيلن ۾ تفرقو (جدائي) وجهي ڇڏي ۽ منهنجي حڪم لاءِ نه ترسئين.

قَالَ فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ۝٩٥

(٩٥) تڏهن حضرت موسيٰ (سامريءَ کي) چيو ته، اي سامري هي تنهنجو ڪهڙو حال ٿيو؟

قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا وَكَذٰلِكَ سَوَّلَتْ لِيْ نَفْسِيْ ۝٩٦

(٩٦) هن چيو ته، مان اها ڳالهه ڏٺي جا ٻين ڪانه ڏٺي (يعني منهنجي سمجهه وڌيڪ آهي) تنهن ڪري (الله جي) رسول جي پيروي ڪرڻ ۾ مون به ڪجهه حصو ورتو، پر پوءِ ڇڏي ڏنم (ڇا ڪيان) منهنجي نفس مونکي انهيءَ ڳالهه تي آندو.

قَالَ فَاذْهَبْ فَاِنَّ لَكَ فِي الْحَيٰوةِ اَنْ تَقُوْلَ لَا مِسَاسَ ۠ وَاِنَّ لَكَ مَوْعِدًا لَّنْ تُخْلَفَهٗ ۚ وَانْظُرْ اِلٰٓى اِلٰهِكَ الَّذِيْ ظَلْتَ عَلَيْهِ عَاكِفًا ۭ لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنْسِفَنَّهٗ فِي الْيَمِّ نَسْفًا ۝٩٧

(٩٧) حضرت موسيٰ فرمايو ته، جيڪڏهن ائين آهي ته نڪري هليو وڃ. زندگيءَ ۾ تنهنجي لاءِ هيئن ٺيڪ آهي جو تو چوندين ته مان اڇوت آهيان. (يعني ماڻهو توکي ويجهي اچڻ به نه ڏيندا.) ۽ (آخرت ۾ عذاب جو) هڪ واعدو آهي جو ڪڏهن به ٽرڻ وارو ناهي ۽ ڏس ته تنهنجي (ناهيل) معبود جو هاڻي ڪهڙو تو حال ٿئي، جنهن جي پوڄا ڪرڻ تي ڄمي بيٺو هئين. اسان ان (سوني ڳابي) کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏينداسين ۽ اها خاڪ سمنڊ ۾ اڇلائي لوڙهي ڇڏينداسين.

اِنَّمَآ اِلٰـهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ وَسِعَ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۝٩٨

(٩٨) تنهنجو معبود ته فقط الله ئي آهي. هن کان سواءِ ڪو به معبود ڪونهي. اهوئي آهي جو هر شيءِ تي پنهنجي علم سان ڇانيل آهي.

كَذٰلِكَ نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَاۗءِ مَا قَدْ سَبَقَ ۚ وَقَدْ اٰتَيْنٰكَ مِنْ لَّدُنَّا ذِكْرًا ۝٩٩

(٩٩) (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح اسان گذري ويل واقعن مان (ڪن خاص واقعن جون) خبرون توکي ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ اسان پاڻ وٽان توکي نصيحت جو وڏو سرمايو (يعني قرآن) عطا فرمايو آهي.

مَنْ اَعْرَضَ عَنْهُ فَاِنَّهٗ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وِزْرًا ﴿١٠٠﴾

(١٠٠) جيڪو ان کان منهن ڦيرائيندو سو يقيناً قيامت جي ڏينهن (هڪ وڏي گناهه جو) بار کڻندو.

خٰلِدِيْنَ فِيْهِ ؕ وَسَآءَ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ حِمْلًا ﴿١٠١﴾

(١٠١) هو هميشه انهيءَ حالت ۾ رهندو. ڪهڙو نه خراب بار آهي جو هو قيامت جي ڏينهن پنهنجي مٿان رکندا!

يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ وَنَحْشُرُ الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾

(١٠٢) انهيءَ ڏينهن جڏهن توتاري وڄائي ويندي اسان گهنگارن کي گڏ ڪري آڻيندا سين ۽ هنن جون اکيون دهشت کان بي نور ٿي وينديون.

يَّتَخَافَتُوْنَ بَيْنَهُمْ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا عَشْرًا ﴿١٠٣﴾

(١٠٣) هو پاڻ ۾ ڪن سن ۾ هڪٻئي کان پڇندا ته. اسان (موت واري گهڙي ۽ هن گهڙيءَ جي وچ ۾) ڏهاڪو ڏينهن به مس رهيا هونداسين.

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ اِذْ يَقُوْلُ اَمْثَلُهُمْ طَرِيْقَةً اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾

(١٠٤) اهي ماڻهو (انهيءَ ڏينهن) جيڪي ڳالهيون ڪندا سي اسان اڳئي ڄاڻون ٿا. انهن مان جيڪو سيني مان وڏيڪ هوشيار هوندو سو چوندو ته نه. اسان گهٽي ۾ گهٽو هڪ ڏينهن (انهيءَ برزخ جي حالت ۾) رهيا هونداسين. (يعني جيئن ننڊ ۾ خبر نٿي پوي ته ڪيترو وقت گذري ويو. تيئن برزخ جي مدي جي خبر به ڪانه پوندي.)

### رڪوع 6

**قيامت واري ڏينهن جي دهشت، ان ڏينهن پورو انصاف ٿيندو.**

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْجِبَالِ فَقُلْ يَنْسِفُهَا رَبِّيْ نَسْفًا ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) ۽ هي ماڻهو جبلن متعلق سوال پڇن ٿا (ته انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو) تون چئو ته. منهنجي پروردگار انهن کي (ذرا ذرا ڪري) بلڪل اڏائي ڇڏيندو.

فَيَذَرُهَا قَاعًا صَفْصَفًا ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) پوءِ انهن کي اهڙو ڪري ڇڏيندو جهڙو سنئون سڌو ميدان.

لَّا تَرٰى فِيْهَا عِوَجًا وَّلَآ اَمْتًا ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) ڪٿي به اوهان نڪي ڏنگائي ڦڏائي ڏسندؤ. نڪي ڪا هيٺاهين مٿاهين.

يَوْمَئِذٍ يَّتَّبِعُوْنَ الدَّاعِيَ لَا عِوَجَ لَهٗ ۚ وَخَشَعَتِ الْاَصْوَاتُ لِلرَّحْمٰنِ فَلَا تَسْمَعُ اِلَّا هَمْسًا ﴿١٠٨﴾

(١٠٨) انهيءَ ڏينهن سڀ ماڻهو سڏيندڙ جي پوئٽان هلندا هن کان ڪسڪي نه سگهندا. ۽ رحمان خدا جي جلال جي اڳيان سيني جا آواز بيهي خاموش ٿي ويندا. ڪوبه آواز ڪونه ٻڌندو. سواءِ (هلڻ ۾) پيرن جي آواز جي.

يَوْمَئِذٍ لَّا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَرَضِيَ لَهٗ قَوْلًا ﴿١٠٩﴾

(١٠٩) انهيءَ ڏينهن سفارشون ڪم ڪونه اينديون. سواءِ هن جي جو ڪنهن کي رحمان خدا (سفارش ڪرڻ جي) اجازت ڏئي ۽ هن جي زبان جو ڪُلڻ پسند ڪري.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِهٖ عِلْمًا ﴿١١٠﴾

(١١٠) جيڪي ماڻهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي هنن جي پٺيان گذري چڪو. تنهن سڀ جو علم الله کي آهي. پر انسان پنهنجي علم سا ان کي پروڙي نٿو سگهي.

وَعَنَتِ الْوُجُوْهُ لِلْحَيِّ الْقَيُّوْمِ ؕ وَقَدْ خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿١١١﴾

(١١١) سيني ماڻهن جا منهن انهيءَ هميشه جيئري ۽ قائم رهندڙ خدا جي اڳيان جهڪي پوندا. جنهن ظلم جو بار پاڻ تي وڌو هوندو سو نامراد ۽ ناڪامياب ۽ تباهه ٿيندو.

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا يَخٰفُ ظُلْمًا وَّلَا هَضْمًا ﴿١١٢﴾

(١١٢) پر جنهن چڱا عمل ڪيا هوندا ۽ مؤمن به هوندو تنهن جي لاءِ ڪوبه انديشو نه هوندو، نڪي ساڻس بي انصافي ٿيندي، نڪي سندس حق ماريو ويندو.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّصَرَّفْنَا فِيْهِ مِنَ الْوَعِيْدِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ اَوْ يُحْدِثُ لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٣﴾

(١١٣) ۽ اهڙيءَ طرح اسان هن (نصيحت جي سرمائي) ڪي عربي قرآن جي صورت ۾ نازل ڪيو آهي ۽ مختلف طريقن سان ان ۾ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي) بدلي جي خبر ڏئي ڇڏي آهي ته، ماڻهو (گمراهيءَ ڪان) بچن يا نصيحت وٺڻ جي روشني هنن ۾ ظاهر ٿئي.

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿١١٤﴾

(١١٤) پوءِ هر طرح جي بلندي الله ئي جي لاءِ آهي، اهوئي حقيقي بادشاهه آهي ۽ (اي پيغمبر!) جيستائين قرآن جو وحي توتي پورو ٿي وڃي، تنهن ڪان اڳي تون ان لاءِ تکڙ نه ڪر. تنهنجي صدا هميشه هيءَ هئڻ گهرجي ته اي منهنجا پروردگار! منهنجو علم اجا به وڌاءِ.

وَلَقَدْ عَهِدْنَآ اِلٰٓى اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَلَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٥﴾ ؏

(١١٥) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان آدم کي اڳ ئي بڌائي ڇڏيو هو ۽ عهد وٺي ڇڏيو هو، پر هن ڪان ويسر ٿي ويئي، ۽ اسان (نافرمانيءَ جو) ارادو يا قصد هن ۾ ڪونه ڏٺو.

رڪوع 7

**جيڪو به منهنجي هدايت تي هلندو سو نڪي گمراهه ٿيندو، نڪي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ پوندو.**

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٦﴾

(١١٦) ۽ هيءَ ڳالهه ياد رکو ته اسان فرشتن کي حڪم ڏنو هو ته آدم جي اڳيان جهڪي وڃو، سڀ جهڪي پيا. پر ابليس نه جهڪيو. هن انڪار ڪيو.

فَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اِنَّ هٰذَا عَدُوٌّ لَّكَ وَلِزَوْجِكَ فَلَا يُخْرِجَنَّكُمَا مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٧﴾

(١١٧) تنهن تي اسان چيو ته، اي آدم (ڏس) هيءُ (ابليس) تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو دشمن آهي. ائين نه ٿئي جو هو اوهان کي (برغلائي) جنت مان ڪڍي ڇڏي، ۽ اوهان ڏکن ۽ تڪليفن ۾ پئجي وڃو.

اِنَّ لَكَ اَلَّا تَجُوْعَ فِيْهَا وَلَا تَعْرٰى ﴿١١٨﴾ ۙ

(١١٨) توهان جي لاءِ هاڻي (هن جنت ۾) اهڙي زندگي آهي جو ان ۾ نڪي بکايل ٿا رهو، نڪي اگهاڙا.

وَاَنَّكَ لَا تَظْمَؤُا فِيْهَا وَلَا تَضْحٰى ﴿١١٩﴾

(١١٩) ۽ نڪا توهان جي لاءِ اڃ جي تڪليف آهي، نڪي اُس جي، (جيڪڏهن هن جنت مان نڪرندؤ ته وڏين تڪليفن هيٺ اچي ويندؤ).

فَوَسۡوَسَ اِلَیۡہِ الشَّیۡطٰنُ قَالَ یٰۤاٰدَمُ ہَلۡ اَدُلُّکَ عَلٰی شَجَرَۃِ الۡخُلۡدِ وَ مُلۡکٍ لَّا یَبۡلٰی ﴿۱۲۰﴾

(١٢٠) پر پوءِ شيطان آدم کي وسوسي ۾ وڌو. هن چيو ته، اي آدم! مان توکي دائمي (زندگي) واري درخت جو نشان ڏيان؟ ۽ اهڙي بادشاهيءَ جو جا ڪڏهن به زوال هيٺ نه اچي؟ (يعني توکي اهڙي وڻ وٽ وٺي وڃان جنهن جي ميوو کائڻ سان اوهان هميشه زنده رهندؤ ۽ هميشه بادشاهي ماڻيندؤ.)

فَاَکَلَا مِنۡہَا فَبَدَتۡ لَہُمَا سَوۡاٰتُہُمَا وَ طَفِقَا یَخۡصِفٰنِ عَلَیۡہِمَا مِنۡ وَّرَقِ الۡجَنَّۃِ ۫ وَ عَصٰۤی اٰدَمُ رَبَّہٗ فَغَوٰی ﴿۱۲۱﴾

(١٢١) تنهن تي ٻنهي (آدم ۽ سندس گهرواريءَ) انهيءَ وڻ جو ميوو کاڌو ۽ ٻنهي جي اوگهڙ هنن جي نظر ۾ ظاهر ٿي پئي. تڏهن سندن حالت اهڙي ٿي جو باغ جا پن چنبڙائڻ لڳا ۽ انهن سان پنهنجو بدن ڍڪڻ لڳا. مطلب ته آدم پنهنجي پروردگار جي چوڻ تي نه هليو. تنهن ڪري (جنت جي زندگيءَ مان) بي راهه ٿو ويو.

ثُمَّ اجۡتَبٰہُ رَبُّہٗ فَتَابَ عَلَیۡہِ وَ ہَدٰی ﴿۱۲۲﴾

(١٢٢) پر پوءِ سندس پروردگار کيس چونڊيو (۽ مٿس مهربان ٿيو). هن ڏانهن (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪيائين ۽ هن لاءِ (زندگي ۽ عمل جي) راهه کولي ڇڏيائين.

قَالَ اہۡبِطَا مِنۡہَا جَمِیۡعًۢا بَعۡضُکُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ ۚ فَاِمَّا یَاۡتِیَنَّکُمۡ مِّنِّیۡ ہُدًی ۬ۙ فَمَنِ اتَّبَعَ ہُدَایَ فَلَا یَضِلُّ وَ لَا یَشۡقٰی ﴿۱۲۳﴾

(١٢٣) (جيئن ته) الله تعاليٰ حڪم ڏنو ته توهان ٻئي گڏ هتان نڪري وڃو. توهان مان هڪڙا ٻين جا دشمن ٿيندا (اوهان جي لاءِ هاڻي ٻئي قسم جي زندگيءَ جي راهه کلندي) پوءِ جيڪڏهن مون وٽان اوهان ڏي (يعني اوهان جي نسل ڏي) ڪو هدايت جو پيغام اچي ته، (هن باري ۾ منهنجو قانون ياد رکو ته) جيڪو به منهنجي هدايت تي هلندو سو نڪي گمراهه ٿيندو، نڪي تڪليفن ۾ پوندو.

وَ مَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡ ذِکۡرِیۡ فَاِنَّ لَہٗ مَعِیۡشَۃً ضَنۡکًا وَّ نَحۡشُرُہٗ یَوۡمَ الۡقِیٰمَۃِ اَعۡمٰی ﴿۱۲۴﴾

(١٢٤) جيڪو منهنجي يادگيري ۽ منهنجي نصيحت کان منهن موڙيندو تنهن جي زندگي تنگي (۽ ڏکن) ۾ گذرندي ۽ قيامت جي ڏينهن به کيس انڌو ڪري اٿاريندا سين.

قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرۡتَنِیۡۤ اَعۡمٰی وَ قَدۡ کُنۡتُ بَصِیۡرًا ﴿۱۲۵﴾

(١٢٥) هو چوندو ته، اي منهنجا پروردگار! تو مون کي انڌو ڪري ڇو اٿاريو آهي؟ مان ته تمام چڱو ڏسندڙ هوس.

قَالَ کَذٰلِکَ اَتَتۡکَ اٰیٰتُنَا فَنَسِیۡتَہَا ۚ وَ کَذٰلِکَ الۡیَوۡمَ تُنۡسٰی ﴿۱۲۶﴾

(١٢٦) ارشاد ٿيندو ته، هائو، ائين ئي ٿيڻو هو. (ڇو ته) اسان جون نشانيون تنهنجي اڳيان اچي بيٺيون، پر تو انهن کي وساري ڇڏيو. سو ساڳيءَ طرح توکي به اڄ وساريو ويو آهي.

وَ کَذٰلِکَ نَجۡزِیۡ مَنۡ اَسۡرَفَ وَ لَمۡ یُؤۡمِنۡۢ بِاٰیٰتِ رَبِّہٖ ؕ وَ لَعَذَابُ الۡاٰخِرَۃِ اَشَدُّ وَ اَبۡقٰی ﴿۱۲۷﴾

(١٢٧) ۽ (ڏسو ته) ساڳيءَ طرح جيڪو به (سرڪشيءَ ۾) حد کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي ۽ پنهنجي پروردگار جي نشانين تي يقين نٿو رکي، تنهن کي اسان اهڙيءَ طرح (سندس حالت جو) بدلو ڏيون ٿا، ۽ آخرت جو عذاب ته گهڻو وڌيڪ سخت آهي ۽ گهڻي دير تائين رهڻ وارو آهي.

اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿١٢٨﴾

(١٢٨) ڇا هنن ماڻهن کي هن ڳالهه مان به هدايت (۽ نصيحت) نٿي ملي ته ڪائنئن اڳي آيل قومن جا ڪيترائي دور گذري چڪا آهن، جن کي اسان (گناهن جي بدلي ۾) تباهه ڪري ڇڏيو. هي ماڻهو انهن جي (ڊٺل) شهرن ۽ آبادين ۾ گهمن ڦرن ٿا (انهن جا ڪنڊر هنن جي اکين اڳيان آهن ته به افسوس! جو عبرت نٿا وٺن) جيڪي ماڻهو سمجهه وارا آهن تن جي لاءِ هن ئي ڳالهه ۾ (نصيحت ۽ عبرت جون) گهڻيون ئي نشانيون آهن.

وَ لَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا وَّ اَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٢٩﴾

(١٢٩) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها جو اڳ ئي تنهنجو پروردگار (هن باري ۾) هڪڙي ڳالهه مقرر ڪري ڇڏي ها (يعني هڪڙو قانون مهلت جو نه ٺهرائي ڇڏي ها) ته هن ئي گهڙيءَ ۾ انهن تي (گناهن جو) الزام لڳي وڃي ها، ۽ اهو (عذاب ۽ سزا جو) مقرر وقت هڪدم ظهور ۾ اچي ها.

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَ مِنْ اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَ اَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾

(١٣٠) تنهن ڪري (توکي گهرجي ته) جيڪي جيڪي ڳالهيون اهي (گنهگار) چون ٿا تن تي صبر ڪر ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ۾ لڳو رهه، صبح جو سج نڪرڻ کان اڳي، شام جو سج لهڻ کان اڳي، ۽ رات جي گهڙين ۾ به ثنا ڪندو رهه ۽ ٻيپهري جي لڳ ڀڳ به. ممڪن آهي ته تون بلڪل جلد (نتيجن جي ظهور ڪان) خوش ٿي ويندين.

وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَ رِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿١٣١﴾

(١٣١) ۽ هي جو اسان مختلف قسمن جي ماڻهن کي دنيوي زندگيءَ جون آرائشون سينگار ۽ رونقون ڏنيون آهن تن تي سندن اکيون ڏيان نه ڏين (۽ ڪو خيال نه ڪر) اهي سڀ انهيءَ لاءِ آهن جو اسان هنن (گنهگارن) کي آزمائش ۾ وڌو آهي ۽ جيڪا تنهنجي پروردگار جي بخشيل روزي آهي سا ئي (تنهنجي لاءِ) بهتر آهي ۽ (نتيجن جي لحاظ کان) باقي رهڻ واري يعني جٽادار آهي.

وَ اْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصْطَبِرْ عَلَيْهَا ؕ لَا نَسْـَٔلُكَ رِزْقًا ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾

(١٣٢) ۽ پنهنجي گهر وارن کي به نماز جو حڪم ڏي، ۽ ان (ڪم) تي مضبوطيءَ سان ڄميو رهه ۽ ثابت قدم رهه. اسان توکان رزق ڪونه ٿا گهرون (تون ئي اسان وٽ رزق جو سائل آهي.) اسان رزق بخشڻ وارا آهيون، ۽ (چڱي) پڇاڙي تقويٰ جي لاءِ آهي. (يعني آخر تقويٰ وارائي ڪامياب ٿيندا ۽ سڀ نعمتون ماڻيندا).

وَ قَالُوْا لَوْلَا يَاْتِيْنَا بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اَوَ لَمْ تَاْتِهِمْ بَيِّنَةُ مَا فِي الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ﴿١٣٣﴾

(١٣٣) ۽ اهي ماڻهو چون ٿا ته ڇو هن (يعني حضرت محمد ﷺ) پنهنجي پروردگار وٽان ڪا نشاني پاڻ سان ڪانه آندي آهي. پر ڇا هنن وٽ روشن دليل ڪونه پهچي چڪا آهن جي اڳوڻن (خدائي) ڪتابن ۾ موجود آهن.

| | |
|---|---|
| وَ لَوۡ اَنَّاۤ اَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِعَذَابٍ مِّنۡ قَبۡلِهٖ لَقَالُوۡا رَبَّنَا لَوۡ لَاۤ اَرۡسَلۡتَ اِلَيۡنَا رَسُوۡلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ نَّذِلَّ وَ نَخۡزٰى ﴿۱۳۴﴾ | (١٣٤) ۽ جيڪڏهن اسان هنن کي هن کان اڳي (يعني قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ کان اڳي) عذاب نازل ڪري تباهه ڪري ڇڏيون ها ته ضرور چون ها ته اي اسان جا پروردگار اسان جو عذاب جي اچڻ سان ذليل ۽ خوار ٿيون، تنهن کان اڳي هڪڙو پيغمبر ڇو نه موڪليئي ته اسان تنهنجي آيتن جي پيروي ڪريون ها ۽ تباهه نه ٿيون ها. |
| قُلۡ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ فَتَرَبَّصُوۡا ۚ فَسَتَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ اَصۡحٰبُ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَ مَنِ اهۡتَدٰى ﴿۱۳۵﴾ | (١٣٥) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته، هتي هرهڪ جي لاءِ (ايندڙ وقت جو) انتظار ڪرڻو آهي، پوءِ توهان به انتظار ڪيو. تمام جلد توهان کي معلوم ٿي ويندو ته ڪير سڌيءَ واٽ تي آهي، ۽ ڪير ٿو منزل تي پهچي. |